مائیخل شولوخوف

سنڈیکار: عمر

30.1.1984 Central prison, Hyderabad.

جنگ ۽ انسان

مائيخل شولو خوف

سنڌيڪار: عمر

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

ڪتاب جو نالو –	جنگ ۽ انسان
مصنف –	ميخائيل شولو خوف
مترجم –	عمر ميمڻ
ڇاپو پهريون –	پهرين مارچ ۱۹۷۸
ڇاپو ٻيو –	پهرين جولاءِ ۱۹۸۲
قيمت	6-00 ڇهه روپيا

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جا جملي حق ۽ واسطا، عظمت ادبي اڪيڊميءَ وٽ محفوظ آهن- بنا اجازت ڇپرائڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

هي ڪتاب م. ع. ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊميءَ طرفان، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پنهنجي پاران

عظمت پبليڪيشن جو اڻون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ هن کان اڳ جيڪي ست ڪتاب اسان جي اداري طرفان ڇپرايا ويا آهن، تن کي اوهان پسند ڪيو ۽ جهڙيءَ ريت انهن ڪوششن جو پاڙهن طرفان آڌرڀاءُ ڪيو ويــو آهي، تنهن لاءِ آءٌ پڙهندڙن جو نهايت ٿورائتو آهيان.

هي ڪتاب جنگ ۽ انسان، روس جــي ناميواري اديب شولوخوف جي مشهور ناولٽ Fate of a man جو ترجمو آهي، شولوخوف متعلق صرف ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي ته هي صاحب quite flows the don ۽ virgin soil جهڙن جڳــ مشهور ناولن جو ليکڪ پڻ آهي ۽ ”جنگ ۽ انسان“ سندس عظمت جو روشن ثبوت آهي.

هن ناول ۾ شولوخوف، ٻي مهاڀاري جنگ ۾ ٿيل تباهه ڪارين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پنهنجي سرحدن جي حفاظت ڪندڙ لکين روسي جوانن مان هڪ غازيءَ جي واتان، جنگ ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ ٿيل تباهه ڪاري متعلق اسان کي واقف ڪرايو آهي. ٻي مهاڀاري جنگ

۾ نازي جرمنيءَ فوجن جي لاڳيتن ۽ سخت حملن جي نتيجي ۾ هڪ وقت اهڙو به آيو هو جو روس جي دل اسٽالن گراڊ تي جرمن فوج جو قبضو يقيني بڻجي ويو هو، روسي هر ميدان ۾ شڪست کائي رهيا هئا پر نازي جرمنيءَ جا خواب پورا نه ٿيا، روسي آخري وقت ۾ به پاڻ کي وڏيڪ متحد ۽ منظم ڪري، پنهنجي سڄي قوت کي گڏ ڪري، عزم، حوصلي ۽ قوت ارادي جي زور تي پنهنجي وطن جي مٽي کي دشمن جي ناپاڪ وجود کان بالڪل پاڪ ڪري ڇڏيو جو اينڊڙ وقت ۾ ڪنهن کي به روس جي ڌرتيءَ ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي به همت نه ٿئي.

انهيءَ جنگ ۾ روس جي هر گهر مان، سرامري به ويا تي پاتي، بمن ۽ گولين جو بک تي ويا، صنعتون تباهه تي ويون، گهر ڊهي ويا، فصل سڙي ويا، شهر ويران ٿي ويا، پر روسين پنهنجي ڌرتيءَ تان دشمن کي ڌڪي ٻاهر ڪيو.

جنگ جون تباهه ڪاريون، ڪا نئين ڳالهه نه آهن، اصل ڳالهه عزم، همت ۽ حوصلو آهي، قومي غيرت آهي ۽ قومي وقار آهي. ’جنگ ۽ انسان‘ جي مطالعي مان اسان کي اهو سبق ٿو ملي ته جنگ ۾ ڪجهه به ڇو نه ٿي پوي، پر وطن جي مٽيءَ کي هر حال ۾ دشمن کان پاڪ رکڻ نهايت ضروري آهي.

هن ناول جو ترجمو ڪيترقدر اوهان جي معيار

ٿي ٿو لڳي سو توهان پاڻ ئي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ فيصلو ڪجو ۽ اسان کي پنهنجي راءِ کان واقف ڪجو.

اميد اٿم ته هي ڪتاب توهان کي پسند ايندو، ۽ مهيني اندر اسين ٻيو ڪتاب، يعني اداري جو نائون ڪتاب اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسون.

اها ڪوشش جاري رکبي ته سنڌيءَ ۾ سٺو ادب باقاعدي پيش ٿيندو رهي. جي پڙهندڙ ڀائرن جو تعاون جاري رهيو ته سفر جاري رهندو.

في الحال موڪلائي

عمر

ٻئي ڇاپي جو مهاڳ

سن ١٩٤٦ کان، وقفي وقفي سان، سنڌي ڪتاب ڇپرائيندو اچان. اڳ شاگرديءَ وارو دؤر هو ۽ هاڻي سرڪاري نوڪري آهي، ۽ ٻنهي زمانن ۾ ڪڏهن به اهڙي دولت جو مالڪ ڪونه رهيو آهيان جو باقاعدگيءَ سان ڪتاب ڇپرائي سگهان نه وري حالتن اها اجازت ڏني ته سنڌي ڪتابن جي ڇپائي کي باقاعده ڪاروبار جي صورت ۾ هلايان. انهيءَ ڪري اڳ جيب خرچيءَ مان ۽ هاڻي پگهار مان جيتري بچت ٿئي ٿي سا ڪتابن جي ڇپائيءَ تي لڳائيندو ڇڏيان... اهوئي سبب آهي جو ڪتاب دير دير سان ٿا ڇپجن. رهي ڳالهه ڪتابن مان ڪمائيءَ جي، ته ڪمائي ته ڪمائي جي ماڳ، هٿ ڪتاب تي لڳايل رقم ملڻ به مشڪل ٿيو وڃي. سبب انهيءَ جو اهو نه آهي ته ڪو سنڌي ڪتاب وڪرو نٿا ٿين، پر دراصل ايجنٽ صاحبان رقم ڏيڻ ۾ تمام گهڻي سستي ٿا ڪن... ڪن حالتن ۾ رقم وصول ٿيندي ٿيندي ٽي ٽي چار چار سال به لڳيو وڃن. اهڙي صورت ۾ وچارو پبلشر ڪري ته ڇا ڪري.... ۽ مزي جي

ڳالهه اها ته سنڌي پبلشر سان اها وڏن پنهنجائي ڪن ٿا. لاڙڪاڻي جو هڪ پبلشر، جيڪو اپر سنڌ ۾ ڪتاب وڪڻندو به آهي ۽ ڪتاب ڇپرائيندو به آهي، ۽ سنڌي اديبن ۽ پبلشرن جي حالت زار تي ڏاڍيون گرما گرم تقريرون به ڪندو آهي تن سالن کان منهنجا ٥٠٠٠ روپيا روڪيو ويٺو آهي. اهڙيءَ ريت ڪن ٻين دوستن ڏانهن به ڪافي رقم بقايا آهي، تنهن ڪري ئي ڪتابن ۾ ايتري دير ٿي ٿئي.

بهرحال ڪيئن به آهي، پنهنجي همت ۽ وس سارو سنڌي ادب کي چند معياري ڪتاب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان هيل تائين ۽ اميد اٿم ته پڙهندڙن جي ساٿ سان هي ادارو زنده رهندو ۽ سنڌي ادب ۾ سٺا سٺا ڪتاب شامل ٿيندا رهندا.

هاڻي اچو ته ڪتابن جي قيمتن تي ڳالهايون. سنڌي پڙهندڙ کي عام شڪايت آهي ته سنڌي ڪتاب مهانگا آهن! بالڪل آهن- پر سائين جي وڪرو ٿيندڙون صرف هڪ هزار ڪاپيون ته پوءِ لازمي طور قيمتون وڌيڪ ٿيون رکيون پون. مون هن ڪتاب کان اڳ ڇپرايل ڪتابن ”پيار پيار پيڙا پيڙا ۽ تو جنين جي تات“ جي قيمت بالترتيب ١٠.٠٠ ۽ ١١.٠٠ روپيا رکي ڇو ته انهن ٻنهي ڪتابن جي سلسلي ۾ پيڻ سندري انچندائي کي هڪ هزار روپيا بطور رائلٽي ڏني آهي!

آئون سمجهان ٿو ته سنڌي اديب جو اهو حق

آهي ۽ ڪين ملڻ گهرجي، پر پوءِ اهو اچي ڪٿان؟ هڪ ته سنڌي ڇپائيءَ جا ڪاڻي پيڳا اڳهه، ٻيو وري ڪاپيون صرف هڪ هزار، ۽ جي اديب کي رائلٽي به ڏيڻي پوي ته؟؟- پڙهندڙ پائرن کي گهرجي ته صرف اهو نه ڏسن ته ڪتاب جي قيمت ڪري آهي، پر اهو ڏسن ته ويچاري پبلشر کي ڪيترئون مجبوريون ٿيون هجن.

هي ڪتاب جنگ ۾ انسان سفيد ڪاغذ تي ڇپرائي رهيو آهيان ۽ مارڪيٽ ۾ اچڪلهه ٩٠ صفحن جي ڪتاب جي قيمت ٠٠-٨ روپيا آهي. اسين پڙهندڙن جي جذبن جو احترام ڪندي هي ڪتاب ٠٠-٦ روپين ۾ ڏيئي رهيا آهيون. اميد آهي ته پڙهندڙ پائر اسانجي انهيءَ قدم جو جواب گرمجوشيءَ سان ڏيندا ۽ ڪتاب وٺڻ وقت قيمت جي ڪري پنهنجو هٿ پوئتي نه ڪندا. انهيءَ کان به قيمت گهٽ رکڻ منهنجي وس ۾ نه آهي.

اميد ته تعاون جاري رهندو.

عمر ميمڻ

جن ڏينهن وطن جي مٽيءَ مٿي جنگ جي
ڪري رت ۽ باهه جي شعلن ۾ وڪوڙيل هئي، تن
ڏينهن ڪنهن به بشر کي بهار جي اچڻ ۽ لنگهي
وڃڻ جو ڪو هوش نه هو، پر هيل، جڏهن جنگ جا
ڪڪر پنهنجي منحوس پاڇي سميت وطن جي مٿيءَ
تان هٽي ڪيڏانهن پري هليا ويا آهن، ته بهار جي
آمد ڏاڍي دلفريب پيئي معلوم ٿئي. 'ڊان' جي مٿاهين
حصي ۾ تيز ۽ خوشبودار هوائون لڳڻ شروع ٿيون
آهن، هوڏانهن 'ازوف' جي ساحل واري طرف کان
وري گرم هوائون به هلڻ شروع ٿي ويون، جنهن جي
نتيجي ۾ وارياسا ڪپ جڻ اگهاڙا ٿي پيا هئا. هوڏانهن
اوچن ماٿرين ۾ وري سڀ سنوان پٽ برف سان ڍڪجي
ويا هئا ۽ سوڙها گهٽ آهستي آهستي جبلن جي
جوٽن تائين رسڻ لاءِ برف جي تهن تي تهه چڙهي
ڪري بلند ٿي رهيا هئا. نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ٻوڏ وارو
جوش ۽ خروش نظر اچي رهيو هو ۽ وهندڙ پاڻي، برف
جي ڍڳن سان ٽڪرائجي، آبشارن وارو منظر پيش
ڪري رهيو هو. برفباريءَ جي ڪري رستا بنهه خراب
ٿي چڪا هئا، ۽ ٽرئڪ ته ٺهيو، ماڻهن جي هلڻ جهڙا
به نه رهيا هئا!

قسمت جو چڪر ڪٿي ٿمجي، جو مون کي سال
جي اڌيءَ حصي ۾ پنهنجو گهر ڇڏي، هڪ ڳوٺڙي
ڏانهن ڪم سانگي وڃڻو پيو. ڳوٺڙو منهنجي ڳوٺ

کان پنجاھي ڪن ميلن جي پنڌ تي ھو. ٻڌڻ وارن
کي ته پنجاھه ميل ڪو خاص پنڌ نه لڳندو، پر موسم
جي اھڙي خرابي ۽ رستن جي تباھه حاليءَ جي ڪري
اھو پنڌ ڏاڍو اڙانگو لڳي رھيو ھو. پر وڃڻو جو ھو،
سو ھڪ دوست سان انجام ٻڌي، سج نڪرڻ کان اڳ
ڏي سفر تي روانو ٿي ويس. سفر ھڪ بند گاڏيءَ ۾
ٿي رھيو ھو، جنھن کي ھمٿ پريا، ٻلا گھوڙا ڇڪي
رھيا ھئا، پر ڪجھه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ گھوڙن جي
ھمٿ جواب ڏيڻ لڳي. رستو، جو سڄو ساري رات
ٿيندڙ برفباريءَ ڪري ڍڪجي ويو ھو، سو آخر گھوڙا
به ڪيستائين زور لڳائي ٿي سگھيا! مشين وانگر ته
ھئا ڪونه جو تيل وجھي ڇڏيو، پوءِ نڪو ٿڪ، نڪا
تڪليف. پر گھوڙا ويچارا ته ساھه وارا ھئا، سي جھٽ
ڪن کان پوءِ سھڪڻ لڳا ۽ سندن سڄي جسم تي برف
جا ذرا ڄمي ويا ھئا، ۽ سندن رنگ ڦري ڇٽڪبرو ٿي
ويو ھو. گھوڙن جي تڪليف محسوس ڪندي،
جتي به پائيوسين تي ته ڪاٺين وڪ نٿي ڪجي، اسين
گاڏيءَ مان لھيو ٿي پياسون ۽ پيرين پنڌ تي ھلڻ
لڳاسون ته من ائين ڪرڻ سان گھوڙن کي ڪجھه
ساھي ملي سگھي. پر برف تي پيادو ھلڻ، پائيو ٿا
ته ڪو سولو ڪم آھي؟ نه سائين، اصل ساھه نڪري
وڃي. پر مجبوري ھئي، گھوڙن تي به ڪھل ٿي آئي
سو ائين ڪرڻو ٿي پيو. پيادا تي جڏھن ھلياسين ٿي،

ٿڌهن برف اسان جي بار هيٺان چرڪاٽ ٿي ڪيا ۽ ڪنهن ڪنهن هنڌ اسان جا پير اندر دٻجيو ٿي ويا.... برف رڳو ڪو رستي کي ڪونه ڏيکيو هو، پر پاسا ڪنڌيون به رڳو برف جا ڍهيل پئي لڳا ۽ جيستائين اک ڏسي ٿي سگهي، رڳو برف ٿي ڏسڻ ۾ آئي. اسين خاموشيءَ سان سفر ڪندا رهياسون، تان جو ڇهن ڪلاڪن جي اڙانگي سفر کان پوءِ پنجويهه ميل پنڌ ڪري اسين ’پلاونڪا‘ درياهه جي ڪپ جي انهيءَ پاسي تي پهتاسون جتان درياهه اڪرڻ مڙيئي ڪجهه قدر سولو هو.

موخووڪي ڳوٺ جي پرسان پهچي، هيءُ درياهه سال جي هن حصي ۾ گهڻو خشڪ ٿي ويندو هو. هيءُ ڪو وڏو درياهه ڪونه هو، پر هيل خبر نه آهي ڪهڙي سبب ڪان هن ننڍي درياهه ۾ به پاڻيءَ جو وهڪرو اهڙو ته تيز هو، جو پيڙيءَ وسيلي به ان کي پار ڪرڻ چڱو جوکم جو ڪم ٿي لڳو. پاڻي ڪنارن کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي زور ۾ ڪنارن تان آڪري ڪافي پري پري تائين پئي پهتو. اسان کي هڪ پڳل تتل پيڙيءَ ملي جنهن ۾ هڪ ئي وقت ٽن ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش ڪانه هئي. اسان گهوڙن کي ڇوڙي ڇڏيو، جو هاڻ انهن جو ڪم نه رهيو هو. درياهه جي هُن پير، فصلن جي وچ ۾ هڪ متنهن جي ڇانو ۾ جهپ بيٺل نظر اچي رهي هئي، جنهن تي سوار ٿي اسان کي پنهنجي منزل

تاڻين وڌيو ھو. اٿين ٿي لڳو ڄڻ اھا پراڻي ڪنارا
جھپ سماري جي سڄي منڊ اڃا بيٺل رھي ھئي ۽
ڪڏھن به آن جي ھلائڻ جي ضرورت پيش نه آئي ھئي.
آءٌ ۽ ناڪئو، لڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿياسين. منھنجو
دوست، ساسان جي سنڀال ڪرڻ لاءِ اتي ئي ترسي پيو
ھو. ٻيڙي درياھ جي مست ڇولين جي زور تي ھيٺ
مٿي ٿي رھي ھئي، ۽ اڃا سڌ پنڌ تي مس پھتا ھئاسون،
جو ٻيڙيءَ جي پڇل تختن مان پاڻي ڦوھاري وانگر اندر
پرڄڻ لڳو. اھا صورتحال منھنجي لاءِ ڏاڍي پريشان
ڪندڙ ھئي، جو سمجھيم ٿي ته ٻيڙي مان پاڻي نڪري
ڪونه سگھندو ۽ پرجي ويئي ته ضرور ٻڏي ويندي ۽
اھڙي تيز وھڪري واري درياھ ۾ آءٌ ته تري ڪونه
ٿي سگھيس. ھوڏانھن ناڪئي ڏانھن نھاريم ته سندس
چھري تي غم ۽ فڪر جو ڪو پاڇو نظر نه آيم، ڪيس
ذرو به خوف نه ھو. سوچيم، درياھ جي انھن مست موجن
سان وڙھندي سندس عمر گذري آھي، ڪيس پاڻيءَ کان
ڪھڙو ڊپ؟ ناڪئو ڏاڍيءَ ھمٿ سان ٻيڙيءَ ۾ ڪڏ
ٿيندڙ پاڻي ڪيڍي رھيو ھو، ۽ ڪپڙن جي مدد سان
انھن سورن کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھيو
ھو. جن مان پاڻي، ٻيڙي ۾ اچي رھيو ھو. آءٌ به سندس
مدد ڪرڻ لڳس ۽ اسان ٻنھي گڏجي، ٻيڙيءَ کي
ٻڏڻ کان بچائي ورتو ۽ اسان جي منزل به اچي ويئي.
مون کي ڪپ تي لاھي، ٻيڙيءَ کي ڪونئي ۾ ٻڌي،

ڦاڪڻو پرٻان ٻيٺل جيپ ڪاهي آيو ۽ پوءِ واپس وڃڻ
وقت چيائين، ”سائين منهنجا، منهنجي هيءَ پيگل ٻيڙي
جي ٻڏڻ کان بچي وئي، ته، آءٌ توهان جي سائيءَ
کي ٻن ڪلاڪن اندر هين پر وٺي اچڻ ۾ ڪامياب
ٿي ويندس. الله واهي.“ ايترو چئي، هن وري ڇولن
سان مقابلو ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ آءٌ جيپ جو جائزو
وٺي ڪناري کان ٿورو پرڀرو ٿيهل هڪ ڪکائين جهڳيءَ
۾ تماڪ ڇڪڻ جي خيال کان اچي ويٺس. کيسي ۾
هٿ وجهي، سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍيم ته مايوس ٿي
ويس، جو سگريٽ سڀ پسي پٽ ٿي ويا هئا. ٻيڙيءَ
۾ رکيو تري مان پاڻي اندر ڪونه ٿي آيو پر ڪڏوڪڏ
ٻيڙيءَ جي پاسن سان ٽڪرجي پاڻيءَ جون لهرون
مٿي هوا ۾ به ٿي اڏامون ۽ اهڙيءَ ريت منهنجو لباس
به سڄو پسي ويو هو. ان وقت ته ڌيان رکيو پنهنجي
جان بچائڻ طرف لڳل هو، سو سگريٽن جو ڪو هوش
ڪونه هو، پر هاڻ جڏهن خطرو ٽري ويو هو ته ”تماڪ
جي ڇڪ ستائڻ لڳي هئي، ۽ پنهنجي آن بي خيالي
تي افسوس ٿي ڪيم. خير، اڃا منهنجي دوست جي
اچڻ ۾ ڪافي دير هئي، سو سگريٽ پاڪيٽ مان ڪڍي
اُس ۾ سڪڻ لاءِ رکي ڇڏيم. اڪيلو جو هوس، سو
وقت گذارڻ لاءِ ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته
رستي تي هڪ ماڻهو ڏٺم جيڪو ڪچوٽ واري پاسي
کان درياهه ڏانهن اچي رهيو. ماڻهوءَ سان گڏ پنجن ڇهن

سالن جو هڪ لنڊيءَ ٻار ٻه هو، ۽ هو ٻئي، ڏڪل ڏڪل انداز ۾ هلي رهيا هئا، پر جيپ کي ۽ شايد مون کي ويٺل ڏسي سندن رفتار تيز ٿي وئي ۽ هو تڪڙا تڪڙا مون ڏانهن اچڻ لڳا. اهو ماڻهو قد جو ڊگهو ۽ بدن جو سگهارو هو، پر سندس پُٺ ۾ ٿورو ڪُٻ پڻ هو. منهنجي پرسان پهچي، هن شخص پنهنجي پُٺن تان ٿيلهو لاهي ڪٺي پٽ تي رکيو ۽ پاڻ به، اتي ويهي رهيو. ساهي پٽڻ کان پوءِ چوڻ لڳو، ”مون کي سفر لاءِ همراهه چڱو نه مليو! هي ڇوڪرو پاڻ به ٿڪجيو پوي، ۽ مون کي به ٿڪايو ڇڏي، آءٌ جي تڪو ٿي هليس ته هي پويان ٿي رهجيو ويو ۽ مون کي وري سندس انتظار ۾ بيهي ٿي رهڻو پيو. جتي مون کي هڪ وک کڻڻ گهرجي ها، اتي هن ڇوڪري جي ڪري ٽي وکون کڻڻيون پيون. سچي وات مون ائين ٿي محسوس ڪيو ڄڻ گهوڙي ۽ ڪُتيءَ کي گڏ پيو سفر ڪرڻو پوي! پر رکيو اهو به نه، جو هليو آهستي ٿي، ڪنهن ڪنهن مهل وري همراهه رستي تي ويهي برف پيچي ائين ٿي چوسڻ لڳو ڄڻ ته قلفي هجي، يا وري برف تي ليٽاڙا پائڻ ٿي لڳو! ڇا ڪجي، ٻار آهي، راند جا ڏينهن اٿس. پر مون کي تنگ ڏاڍو ڪيو اٿس.“

ايترو ٻڌائي هو پل ساعت لاءِ ماٺ ٿيو، پر وري خاموشي ٽوڙي، مون کان پڇيائين، ”دوست، تون هت اڪيلو ڇا ويٺو ڪرين؟ پنهنجي آفيسر جي اچڻ جو

انتظار ته نه ڪري رهيو آهين؟"

هن مون کي جيپ جو ڊرائيور سمجهيو هو، جڏهن ته آءٌ ڊرائيور ڪونه هئس، پر ان واڌاري جي اندازي جي ترديد ڪرڻ مون مناسب نه چاتي ۽ چيومانس، "آفيسرن جا نخرا ڏي نرالا آهن، انتظار ته ڪرڻو ئي پوندو!"

هن پڇيو، "ڇا هو درياهه جي هن پر ڪالن اچڻو آهي؟"

ورائيم، "اڳين ئي آهي."

"اوهان کي خبر آهي ته ٻيڙي ڪيتري دير ۾ هتي پهچندي؟"

"منهنجي ٻن ڪلاڪن ڪان پوءِ!"

"ٻه ڪلاڪ! معنيٰ ته اهين سفر جو تڪ پيچي وٺنداسين، ڪافي وقت پيو آهي ۽ مون کي ٻه ڪا جلدي ڪانه آهي! دراصل آءٌ ٻه ٻئي پر وڃي رهيو آهيان. اوهان کي جو ڏٺم، ته سمجهي ويس ته اوهين ٻه مون وانگر ڊرائيور آهيو، سو خبر چار ڪرڻ ۽ حال احوال وٺڻ خاطر هيڏانهن لنگهي آيس. هتي آس به آهي، جنهنڪري طبيعت مان سستي ٻه نڪري ويندي ۽ وري سگريٽ ڇڪڻ لاءِ ساٿي ٻه ملي ويندو. اڪيلي هجڻ جي صورت ۾ تماڪ ڇڪڻ صفا بي سوادو لڳندو آهي، ۽ ذرو ٻه مزو ڪونه ايندو آهي. آءٌ ته ائين محسوس ڪندو آهيان ڄڻ ڪو ماڻهو آباديءَ کان پري، اڪيلو

مري رهيو هجي. اڪيلو به ته بي ڪيف هوندو آهي
نه! اڙي! اوهان جا سگريٽ پيسي وڃا آهن؟ هان اِهي
ڪهڙي ڪم جا؟ خير، مون وٽ تماڪ آهي، في الحال
ته انهيءَ مان ئا ڪم ڪيون، تيسين من تـوهان وارا
سگريٽ سُڪي وڃن!"

هن پنهنجي خاڪي سوٽ مان هڪ پراڻي، ريشمي
ٿيلهي ڪڍي، جنهن تي هڪ پاسي هي اکر چٽا لکيل
هئا: "پنهنجي محبـوب سپاهـيءَ لاءِ، ليبدابسڪـي
سيڪنڊري اسڪول جـي هڪ شاگرد طرفان، سڪ ۽
حُب پريو تحفو."

هن تماڪ جي آڱ مون کي به ڪئي، ۽ اسين
ڪافي دير تائين خاموشيءَ مان گهر جو ٺهيل ڪڙو
۽ تيز تماڪ چڪيندا رهياسين. مون ڪانئس پڇڻ ٿي
گهريو ته هو ننڍڙي ڇوڪري کي ڪيڏانهن وٺي وڃي
رهيو هو، ۽ ڪهڙي ڪم سانگي هي ڏکيو ۽ اڙانگو
سفر ڪري رهيو هو، پر منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ ئي
هن خاموشيءَ جو طلسم ٽوڙي وڌو، پڇيائين، "ڇـا،
توهين جنگ ۾ تمام گهڻو عرصو فوج ۾ هئا؟"
"تنهنجو خيال درست آهي، دوست!"
"پـهلا اڳين مورچن تي هئا يا پوئان سامان جي
رسد تي؟"
"اڳين مورچن تي ...."
هڪ پيرو وري ماحول تي مات جو غلبو ٿي ويو.

ڏکيءَ قد واري ماڻهوءَ پنهنجا هٿ گوڏن تي ڪٽي رکيا ۽ سندس ڪلها اڳيان جهڪي آيا. سندس اکين ڏانهن نهارڻ تي محسوس ڪيم ڄڻ آهي بي نور هيون. ڄڻ جي اکين جي چمڪ ختم ٿي چڪي هئي ۽ سندس اکين جي وسائل ڏهاڙين ۾ غم ۽ اداسيءَ جا ڪڪر ڇانيل نظر آيا. ڪجهه دير تائين هو ٻولار ۾ ڪا شيءِ ڳوليندو رهيو ۽ پوءِ وري پنهنجي پٽ کي دريا، جي ڪپ پرسان راند ڪندي ڏسندو رهيو. آءٌ سندس ڪيفيت سمجهي رهيو هوس. جنگ جي تباهه ڪارين کان ڪير واقف نه هوندو؟ آءٌ نه پاڻ به جنگ جو هڪ حصو ٿي رهي چڪو هوس. وطن جي پاڪ مٽيءَ کي دشمن جي ناپاڪ قدمن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ روس جو ٻچو ٻچو جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيو هو. اڄ وطن جي سرزمين دشمن جي وجود کان پاڪ ٿي چڪي هئي، پر جنگ ۾ ڏنل قربانيون ڪنهن کان وسريون هونديون؟ ڪنهن جي سهٽي، معصوم، پياري رفيق حيات وڇڙي هئي، نه ڪنهن جو وري گهر ڏٺي ڳولهن جو ٻنڪ تي وڃو هو، ڪنهن ٻيڙيءَ ماءُ جو جوان پٽ ٻمن جو شڪار ٿي ويو هو، نه ڪنهن جا وري ننڍڙا ننڍڙا لخت جگر ڪانئس جدا ٿي ويا هئا. وطن جي آبرو بچائڻ جي مقابلي برابر اهي قربانيون ڪجهه نه هيون، پر انسان کي پنهنجن پيارن جي ياد نه ضرور ستائيندي آهي! هي مضبوط، همٿ پرڀو انسان به هينئر جنگ جي

ذڪر ٿي پنهنجي عزيزن جي ياد ۾ گم ٿي ويو هو. آءٌ خاموش ويٺو ڏانهس نهاريندو رهيس ته جڏهن دل جو بار هلڪو ٿي ويس، جڏهن اُڙڪن کي ٻي وجھ ۾ ڪامياب ٿي ويو، تڏهن پاڻهي ڳالهائڻ لڳندو. ڪجهه ساعتن کان پوءِ هُن پنهنجي ڳالهه پوري ۽ آءٌ ڏيئي ڌيان سان سندس داستان ٻڌڻ لڳس.

"منهنجي شروعاتي زندگي بلڪل اهڙي هئي جهڙي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي ٿيندي آهي، يعني سمهڻ، جاڳڻ، زندگيءَ جي گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪمائي ڪرڻ وغيره. امير ماڻهو ته ڪونه هوس، پر رڳو اهڙي پُسي زندگي به، جنهن جو مقصد رڳو پيٽ ڀرڻ هو، منهنجي لاءِ آزار هئي. مون چاهيو ٿي ته آءٌ پنهنجي حياتي ڪنهن چڱيءَ ڳالهه لاءِ وقف ڪريان، پر غريب ماڻهوءَ لاءِ شايد چڱي ڳالهه پيٽ جي باهه وسائڻ ئي آهي، سو آءٌ به پنهنجي ڪنهن وڏي مقصد جي خواهش کي دفن ڪري پيٽ جو جهنم ڀرڻ لاءِ هٿ پير هڻندو رهيس. آءٌ ١٩٠٠ع ۾ ڄائو هوس ۽ "ڦورونيز" صوبي جو باشندو آهيان. جڏهن ملڪ ۾ گهرو ويڙهه جا شعلا ڀڙڪڻ لڳا هئا تڏهن آءٌ سرخ فوج جي حمايت ۾ وڙهيو به هوس ۽ تن ڏينهن مون کي اهو احساس ٿيو هو ته آءٌ زندگي جنهن ڳالهه لاءِ وقف ڪرڻ ٿو چاهيان، اها وطن جي حفاظت آهي! ١٩٢٢ع ۾ آءٌ ڪموبا ويو هوس، جتي جانورن واڳر

ڏينهن رات ڪم ڪيم، پر جڏهن آئـان موٽيس ته
پنهنجن ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻ سڀ فوت ٿي چڪا هئا. دنيا
هاڻ منهنجي لاءِ بي معنيٰ ٿي پئي هئي ۽ آءٌ هن
هيڏي جهان ۾ صفا اڪيلو رهجي ويو هوس. نه ڪو
همدرد هو، نه غمخوار .... نه ڪو دوست هو، ۽ نه ئي
ڪو ساٿي! مٽ مائٽ به ڪو ڪونه هو، حياتيءَ جا
ڏينهن پورا ڪرڻ خاطر پهرين درزڪو ڪم ڪندو رهيس
۽ پوءِ وري هڪ ڪارخاني ۾ فٽر جو ڪم سکي، اتي
نوڪري ڪرڻ لڳس. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪنهن ساٿيءَ
جي تانگهه محسوس ڪيم ۽ مون شادي به ڪري
ورتي. منهنجي زال به مون وانگر هن دنيا ۾ صفا اڪيلي
هئي ۽ سندس سنڀال هڪ يتيم خاني ۾ ٿي هئي. مون
يتيم عورت جو انتخاب انهيءَ ڪري ڪيو هو، جو
سمجهيم ٿي ته هوءَ به ڏکويل هوندي ۽ کيس اڪيلائي
جي ڏک جو احساس چڱيءَ پر هوندو، جنهن ڪري
هوءَ منهنجي دل جو ۽ آءٌ هن جي دل جو خيال رکندس،
۽ اسان جي زندگي سٺي نموني گذري ويندي. مٿان
وري منهنجو به ڪو مٽ مائٽ ڪونه هو، ۽ هو به
ته يتيم هئي- سو اسين پنهنجي سچي محبت هڪٻئي
لاءِ ئي وقف ڪري ڇڏينداسون ۽ اهڙيءَ ريت خوش
پيا گذاريندا سون. آءٌ سچ پچ ڀاڳن وارو هوس، جو
مون کي اهڙي عورت نصيب ٿي هئي. هوءَ باخلاق،
ٻهڪندڙ، کلڻي ۽ هر حال ۾ خوش رهڻ وارين عورتن

مان هڪ هئي. هوءَ هر وقت مون کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪندي هئي ۽ آءٌ به ڪيس ڪڏهن ڪو ڏک نه رسائيندو هوس. هوءَ سونهن ۾ سويا ۾ ته اڳري ڪانه هئي، پر سندس اخلاق ۽ محبت جي ڪري مون کيس دنيا جي سڀ کان سهڻي عورت ٿي سمجهيو.

”زندگيءَ جي گاڏي اهڙي ريت پئي هلي. جڏهن مهيني جي شروعات ۾ پگهار ملندو هو ته آءٌ يارن جي ڪچهريءَ ۾ شراب به پيئندو هوس، پوءِ رات جو دير سان لڏندو لمندو گهر پهچندو هوس. پيا دوست ته ٿورو شراب پيئڻ سان آلوتجي ويندا هئا ۽ ماڻهپي مان نڪري ويندا هئا، پر آءٌ طاقت ۾ سڀني کان سرس هوس— سو جهڙو تهڙو نشو مون کي ڪجهه نه ڪندو هو ۽ آءٌ سنئون سڌو گهر پهچي ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو، جو گهڻي نشي جي ڪري هلي نه سگهندو هوس، ۽ رڳو ايترو هوش هوندو هوم جو جانورن وانگر هٿن ۽ پيرن جي مدد سان هلندو اچي گهر رسندو هوس، پر انهيءَ جي باوجود منهنجي زال ڪڏهن مون سان جهيڙو فساد نه ڪندي هئي، نه ڪو مون کي اگرو اکر چوندي هئي، نه پنهنجون ڀاڳون کي پاراتا ڏيندي هئي، الٽو منهنجي اها حالت ڏسي هوءَ کلي پوندي هئي ۽ کلندي به ڏاڍي خيال سان هئي، ته متان آءٌ سندس کلڻ تي به ڪاوڙجي نه پوان! هوءَ پوءِ مون کي سهارو ڏيئي کٽ تائين پهچائيندي،

منهنجا بوٽ لاهيندي ۽ پنهنجي نرم ۽ مٺي آواز ۾ هدايت ڪندي هئي ته 'تون پٽ جي پر ۾ سمهجان، متان رات جو پٽ تي نه ڪري پوين....' پوءِ جڏهن آءٌ هند تي سمهڻ لاءِ ليٽندو هوس ته سڄي دنيا منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳندي هئي، پر ان عالم ۾ به آءٌ پنهنجي زال جي آڱرين جي پياري ڇهاءَ کي محسوس ڪري سگهندو هوس ۽ هوءَ خبر نه آهي ته ڪيتري دير تائين منهنجي مٿي جي مالش ڪندي رهندي هئي ۽ دلفريب ڳالهيون پيئي ڪندي هئي. صبح جو هوءَ مون کي ڪم تي وڃڻ کان به ڪلاڪ اڳ اٿاري ڇڏيندي هئي، ۽ جيئن ته کيس خبر هئي ته آءٌ جنهن رات شراب پيئندو هوس، تنهن جي ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتو نه ڪندو هوس، سو هوءَ مون کي ڪم تي وڃڻ کان اڳ ڪجهه بسڪوٽ يا پنير جو ٽڪرو، ووڊڪا جي گلاس سان گڏ ڏيندي هئي، جن سان شراب جو خمار به لهي ويندو هو ۽ طبيعت ۾ چستي به اچي ويندي هئي. جڏهن آءٌ ڪم تي روانو ٿيڻ وارو هوندو هوس ته هوءَ مون کي دروازي تائين ڇڏڻ ايندي هئي ۽ اتي منهنجي ڇاتيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوندي هئي، 'منهنجي سر جا سائين، اڳتي شراب نه پيئندا ڪجو!' آها! سندس آواز جو مٺاج ۽ چوڻ جو دلفريب انداز مون کي شرمندو ڪري وجهندو هو ۽ آءٌ ڏوهارين وانگر ڪنڌ جهڪائيندو هوس. منهنجي اٿڻ ڪرڻ تي

هوءَ ڪڙهون ڪئي، ٻهن تي ٻيهي مون کي پيار ڪرڻ
جي ڪوشش ڪندي هئي، پر جيئن ته قد ۾ مون کان
ڇوٽڙي هئي، سو ڪيس آن ۾ منهنجي مدد جي ضرورت
پوندي هئي! آءٌ سندس چيلهه ۾ هٿ وجهي، ڪيس زمين
تان مٿي کڻي وٺندو هوس. پوءِ سندس پيار وصول
ڪرڻ لاءِ آءٌ ٻهي جا سخت چپ، سندس مٺ موهيندڙ
ڳچن تي کڻي رکندو هوس ۽ ڪيس پاڪر ۾ پيري سيني
۾ لڪائي ڇڏيندو هوس. سندس اکين مان سچي محبت ۽
پيار ۽ سندس معصوم پيروي نيث هڪ ڏينهن مون
کان آءُ بدعادت ڇڏائي ورتي- ۽ اها خبر پئي، هوءَ
ڪيترو نه خوش ٿي هئي، جڻ ڪيس قارون جو خزانو
هٿ اچي ويو هو! پر دوست، جي هوءَ مون کي
شراب جي نشي ۾ ڏسي روز جهڳڙو ڪري ها ته شايد
نيث ڪڪ تي آءٌ ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيان ها،
۽ دنيا ۾ جيئن به هند زالون بي وقوف ٿينديون آهن،
اتي اٿين ڏي ٿيندو آهي.“

منهنجو اجنبي دوست ساهي پٽڻ لاءِ ماٺ ٿيو ته،
سوچيم ته واقعي خوش نصيب ماڻهو آهي، جنهن کي
اهڙي ساچلي زال نصيب ٿي، جي ڪا غلط قسم جي
عورت مليس ها ته ويچاري جي زندگي زهر ٿي پوي ها.

هاڻ هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.... ”ڪجهه
وقت کان پوءِ اسان جي لاثاني پيار جي نشانيءَ طور
قدرت اسان کي اولاد جي نعمت سان به نوازيو. ٻهرين

پٽ چاڙهو ۽ انهيءَ کان پوءِ ٻه ڏينهن. هاڻ اسان جي گهر جي آبادي پنج تي وڃي ٿي، سو آءٌ سمورو وڳهار آڻي پنهنجي زال جي هٿن ۾ ڏيندو هوس ۽ شراب کي هٿ به نه لڳائيندو هوس. ها، عيدن ڪنهن موڪل واري ڏينهن يا ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي بيئر جا هڪ ٻه گلاس پيئندو هوس، پوءِ بس!

"١٩٢٩ع ۾ مون ڊرائيور ٿيڻ جو خيال ڪيو، جو آءٌ لاڳيتي هڪ قسم جي زندگي گذاري ڪين سگهندو آهيان. ڊرائيوري سکڻ کان پوءِ آءٌ هڪ ٽرڪ تي ڊرائيور ٿي ويس ۽ پنهنجي انهيءَ زندگيءَ ۾ مون کي ڏاڍو لطف اچڻ لڳو، جو مال پهچائڻ لاءِ مختلف شهرن ۾ گهڻن ڏانهن وڃڻو ٿي پيو، جنهنڪري منهنجو اهو احساس ختم ٿي ويو ته ڪو زندگي تلاءَ ۾ بيٺل پاڻيءَ جيان آهي، جنهن ۾ ڪا هلچل نه هوندي آهي. هاڻي ته چڻ زندگي هڪ تيز وهڪري واري درياهه وانگر ٿي پئي هئي- اڄ هتي، سڀاڻي هتي، ته پرينهن وري ڪنهن ٻئي پاسي. آءٌ سالن ڏهه ورهيه ڊرائيوري ڪندو رهيس، جيتوڻيڪ اهو هڪ ڏکيو عرصو آهي، پر آءٌ پاڻيان تو چڻ وقت کي پک هئا، جو اڏامي ويو. اهو عرصو منهنجي لاءِ هڪ دلفريب خواب جي حيثيت رکي ٿو.

"انهيءَ مدت ۾ مون ڏينهن رات هڪ ڪري ڪم ڪيو. چڱي چوکي رقم ڪمائي وٺندو هوس، جنهن

مان امان جو گذر ٻين جي پيٽ ۾ چڱو ڀلو ٿيندو هو، ٽيئي ٻارڙا ڏاڍا خوش هئا ۽ جيئن ته سندن ضرورت جي هر شيء کين ملي رهي هئي، يعني پيار، ڪپڙا، کاڌو وغيره، سو هر فڪر کان آجا ٿي، اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. وڏو ڇوڪرو ”نتولي“ حساب ۾ اتترو ته هوشيار ثابت ٿيو، جو هڪ ڀيرو سندس فالو ماسڪو جي اخبارن ۾ ڇپيو. آءٌ سندس قابليت ۽ هوشياريءَ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس ۽ فخر محسوس ڪندو هوس.

”انهن ڏهن سالن ۾ امان اتري بچت به ڪري ورتي، جو جنگ کان اڳ ٻن ڪمرن ۽ ورانڊي وارو گهر ناهي ورتو سين. منهنجي زال ”ايرينا“ به ٻڪريون به ورتيون. جنهنڪري امان کي خالص کير به ملڻ لڳو. هاڻ امان کي ڪنهن شيء جي گهرج نه هئي. پلا رهڻ لاءِ گهر، پهرڻ لاءِ لباس ۽ کائڻ لاءِ اَن موجود هجي، ته ٻيو ڇا گهرجي... زندگي ڏاڍي آرام ۽ سک سان بسر ٿي رهي هئي. پر امان گهر جنهن هنڌ ٺهرايو هو، اهو هنڌ سٺو نه هو، دراصل امان جو گهر هوائي جهازن ٺاهڻ واري ڪارخاني کي ويجهو هو، ۽ اها ڳالهه، منهنجي دنيا جي تباهيءَ جو سبب ثابت ٿي! ڪاش، اسين گهر ڪنهن ٻئي هنڌ ٺهرايون ها ته اڄ آءٌ دربدر نه هجان ها، منهنجي ڇيله ٽيئي وقت کان اڳ ٻڍي ڪانه ٿئي ها!

”جنگ شروع ٿي ته مون کي به ڳهرائي ورتائون ۽ حڪم ڏنائون ته ”گهر وارن کان موڪلائي ٻئي ڏينهن اسٽيشن تي پهچ!“ اها خبر ٻڌي اسان جي ننڍڙي ڪٽنب ۾ ڄڻ ڪهرام مچي ويو. امڙ، انتولي ۽ منهنجون ٻئي ڌيئرون نيٽسڪا ۽ اولشڪا ڏاڍو رنيون. انتولي جيتوڻيڪ سترهن ورهين جو هو ۽ منهنجي وڃڻ کان پوءِ گهر جي سار سنڀال جو فرض مٿس ٿي لاڳو ٿيو، پر هو ٻارن وانگر سڏڪا ڀريندو ۽ روئيندو رهيو. امڙ جي به حالت ڏاڍي غير ٿي وئي هئي. هوءَ سڄي رات منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي روئندي رهي. آءٌ کيس دلاسا ڏيندو رهيس ۽ پيار وچان سندس اداس چهرو چمندو رهيس، پر هن کي آٿت نه آيو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن اسان جو ننڍڙو ڪٽنب اسٽيشن تي پهتو ته امڙ جي حالت اهڙي ٿي وئي هئي، جو آءٌ ڏانهس نهاري به نٿي سگهيس. سڄي رات جاڳڻ ۽ روئڻ جي ڪري سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون ۽ سڄيل هيون، سندس چپ به سڄيل ٿي لڳا ۽ سندس جسم ڪنبي رهيو هو. سندس اکين مان جيتوڻيڪ لڙڪ ڪونه ٿي وهيا، پر انهن خالي اکين ۾ خبر نه آهي ته ڪيترا مستقبل جا غم ۽ ڏک هينئر کان ٿي نظر اچي رهيا هئا. هوءَ بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي ٻولار ۾ نهاري رهي هئي. سندس اهڙي حالت ڏسي منهنجي همت ۽ جذبو ٻئي لاڙ لڳا هئا. آخر ته سترهن

ورهين جو ساٿ هو، اسان ٻنهي زندگيءَ جا ڏکيا ڏينهن گڏ گذاريا هئا، تڪليفون گڏ سٺيون هيون، هڪٻئي جا ڏک ورهائي ونڊي سٺا هئاسين، زندگيءَ جون ننڍيون ننڍيون خوشيون گڏ ڏٺيون هيونسين، ۽ اڄ جنگ جي ڪري اسان کي ڌار ٿيڻو پيو، ۽ ڪا خبر نه هئي نه وري ملاقات ٿيندي يا نه. ايرينا جو غم بجا هو، پر کيس ڪپندو هو نه هو مون کي مرڪندي الوداع ڪري ها، مون کي بهادريءَ سان وطن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ چوي ها، منهنجي ڪاميابيءَ جي دعا ڪري ها، پر هن کي اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ٿي سُجهي! ۽ هاڻ ته مٿس ٻارن جي پرورش جي جاءِ پرڻ جو به فرض اچي پيو هوا پر هوءَ عين اُن گهڙيءَ همٿ کان ڪم نه ورتي، ٻارن کي دل شڪستو ڪري رهي هئي! مون پڪي دل ڪري کيس مخاطب ڪيو ۽ چيم، 'مٺڙي ايرينا، پنهنجو پاڻ کي سنڀال، موڪلائڻ کان اڳ مون سان ٻه چار لفظ ڳالهائي وٺ!' پر جواب ۾ هن سڏڪا ڀريندي چيو، 'اينڊري پيارا، هاڻ پاڻ وري ڪڏهن به ملي نه سگهنداسين!'

"جنگ جو تصور موت برابر آهي منهنجا دوست! ايرينا پڻ جنگ جو اهوئي مطلب ٿي سمجهيو ته جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙ هر ماڻهو اجل جو بک ٿيو ٿو وڃي. سندس حالت ڏسي مون کي مٿس ڪهل ٿي آئي. هوءَ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو بيوقوفيءَ جهڙيون ڳالهيون

ڪري رهي هئي. پر ڪيس شايد خبر نه هئي اها جدائي منهنجي لاءِ به ڏاڍي تڪليف جو باعث هئي ۽ مون کي به پنهنجن پيارن ٻارن ۽ محبت ڪندڙ زال کان جدا ٿيندي ڏاڍو ڏک ٿي رهيو هو. پر مون کي لڙڪن جي نه، همت افزائيءَ جي ضرورت هئي. ابرينا جي لاڳيتن سڏڪن تي مون کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ ڪئي کيس ٿلهو ڏيئي پاڻ کان ڌار ڪيم. جيتوڻيڪ مون صرف کيس پاڻ کان پري ٿي ڪرڻ چاهيو، پر طاقتور هجڻ ڪري زور ڪجهه وڌيڪ لڳي ويو ۽ ابرينا ٽي وکون پري زمين تي ڪري پيئي. پر ڪرڻ شرط هوءَ اٿي، ۽ مون ڏانهن وڌي آئي. مون رڙ ڪري کيس چيو، ”ڇا، تون مون کي ميدان جنگ تي مرڻ کان اڳ مارڻ ٿي گهرين؟“

منهنجي ڪاوڙ ڏسي هوءَ مون کان هڪ وک پري بيهي رهي ۽ سندس اکين ۾ لڙڪن جو سمنڊ اٿلي پيو! هن جي اکين ۾ التجا ڏسي، مون اکئي وڌي، ڪئي کيس ڀاڪر ۾ ڀريو ۽ زور سان سيني سان لاتم. پوءِ چرين وانگر سندس چپن، ڳلن ۽ اکين کي چمڻ لڳس ....“

ايتري گفتگو کان پوءِ اوچتو منهنجو اجنبي دوست هڪ دفعو وري خاموش ٿي ويو. ساهه کڻڻ دوران سندس نڙيءَ مان عجيب قسم جا آواز اچي رهيا هئا. اندر ۾ آنڌ مانڌ جي ڪري سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽

ماضيءَ جون آهي پيار ڀريون ساعتون سندس چهري جي رنگ مان نظر اچي رهيون هيون مون سندس اکين ۾ نهاريو، پر اتي لڙڪ ڪونه هئا. هو عجيب اداسيءَ جي عالم ۾ سر جهڪايو ويٺو هو، سندس هٿ جيڪي سٿرن تي پيا هئا سي ڏڪي رهيا هئا ۽ سندس چپ ۽ ڪاڏي به ڪنبي رهيا هئا! شايد هو ماضيءَ جي يادن ۾ گم ٿي ويو هو! مون کيس آٿت ڏيڻ خاطر چيو، "ماضيءَ جي وسارڻ ڳالهين کي ياد ڪري پريشان ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو، منهنجا دوست؟" پر هن شايد منهنجي ڳالهه ٻڌي ئي ڪانه. پنهنجو پاڻ سان، ۽ پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ سان جنگ ڪرڻ کان پوءِ هو ڳالهائڻ جهڙو ٿيو ۽ چيائين، "آءٌ مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجو پاڻ کي معاف نه ڪري سگهندس، جو مون پنهنجي معصوم، بي گناهه زال کي ان آخري ملاقات ۾ ڌڪو ڏنو هو!"

هو هڪ ڀيرو وري خاموش ٿي ويو ۽ ڪافي دير تائين ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. هن سگريٽ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪاغذ جو ٽڪرو صحيح نموني ويڙهڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو ۽ تماڪ سندس گوڏن تي وکري ويو. نيٺ هو هڪ سگريٽ ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن کي دکائي، هڪ ٻه ڪش لڳايائين، ۽ گفتگوءَ جو سلسلو وري شروع ڪيائين.

"مون جڏهن ايرينا کي ڳراٽي پائي ورتي، تڏهن

واري واريءَ سان ٻنهي ٻارن کي سيني سان لڳائي
ڪنهن موڪلاڻ ۽ انتظار کي باهمت ۽ بهادر ٽيم جي
هدايت ڪيم. هاڻي گاڏي پليٽ فارم تان آهستي آهستي
هلي رهي هئي، سو آءٌ ڊوڙي وڃي گاڏيءَ ۾ چڙهيس
۽ دريءَ مان پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي ڏسڻ لڳس.
هو ٻئي پنهنجي ماءُ جي اکيان، هٿ هٿ ۾ وجهي
بيٺا هئا ۽ هٿ لوڏي مون کي الوداع ڪري رهيا هئا.
هو مرڪڻ جي ٻڻ ڪوشش ڪري رهيا هئا. ايرينا ٻئي
هٿ ڇاتيءَ تي ٻڌو بيٺي هئي، سندس چپ ۽ چهرو
اهڙا ئي ويا هئا ڄڻ سفيد ڪپڙو، جنهن ۾ رت جو
نالو به نه هو. هوءَ چپن ئي چپن ۾ ڪجهه پڙهي
رهي هئي. سندس اکيون مون ڏانهن هيون، ۽ جسم
اهڙي نموني جهڪيل هو، ڄڻ تيز طوفاني هوا ۾ سڌو
بيهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي! آءٌ سڄي حياتي
ايرينا کي انهيءَ انداز ۾ ڏسندو رهندس— هٿ ڇاتيءَ
تي ٻڌل، سفيد چپ، اداس، لڙڪن ڀريل اکيون!
خواب ۾ به آءٌ کيس ائين ڏسندو آهيان ۽ منهنجي تصور
۾ به سندس تصوير جو اهو روپ نظر ايندو آهي.... پر
مون کيس ڏک ڇو ڏنو هو؟ آه! پنهنجي اها حرڪت
اڄ به مون کي ياد ايندي آهي ته دل ڄڻ وڍجي
ويندي اٿم....

”پوڪرين صوبي ۾ مون کي پنهنجي پونت ڏانهن
اماڻيو ويو، جتي منهنجي حوالي هڪ لوڊنگ ڪئي

وٺي ۽ مون کي اڳين مورچن تي موڪلي ڇڏيائون.
جنگ ۾ ڇا ٿيو واپريو، تنهن جو تفصيل آءٌ توهان
کي ڪونه ٻڌائيندس، جو اوهين پاڻ ئي جنگ جي
ميدان ۾ رهي، سڀڪجهه ڏسي چڪا آهيو. جنگ جي
ميدان تي توهان کي گهر وارن طرفان تمام گهڻا خط
ملندا آهن، پر توهين انهن جو جواب نه ڏيئي سگهندا
آهيو. ڀلا جنگ جي ميدان تي، بمن جي ڌماڪن ۽
زخمين جي رڙين وچان ڪنهن کي ٿي فرصت ملي، جو
ويهي خطن جا جواب ڏين! ها، جي ٿورو ڪو وقت
مليو ٿو وڃي ته خير سک جا ٻه اکر لکي گهر وارن
کي خبر ڏيئي ڇڏبي آهي. آءٌ به گهر وارن جي سڀني
خطن جو ته جواب ڪونه ڏيئي سگهندو هوس، پر ڪڏهن
ڪڏهن ايترو ضرور لکي ڇڏيندو هوس ته، آءٌ بلڪل
خيريت سان آهيان ۽ جنگ ۾ پوري پوري حصو وٺي
رهيو آهيان. جيتوڻيڪ هن وقت اسين پوئتي هٽي رهيا
آهيون، ته به جلد اسين پنهنجي سموري طاقت گڏ
ڪري جرمن فوجن تي اهڙو ته زوردار حملو ڪنداسون،
جو کين ڇٺيءَ جو کير ياد اچي ويندو؟' ٻيو ڀلا
لکجي به ڇا؟ ڪو ماڻهو ڪٿي اديب به هجي ته به
ڇا، هو گولين جي وسڪاري وچان ڪو شاندار خط
لکي سگهندو؟ آءٌ وري اهڙن سپاهين مان به نه هوس،
جيڪي پنهنجي زال ۽ ٻارن کي روز پيا خط لکندا
هئا ۽ ميدان جنگ جو نقشو چٽي اهو اطلاع به پيا

ڪين ڏيندا هئا ته ڪنهن به وقت اهين پورا ٿي سگهون ٿا! اهي پيوڪ دراصل اهو لکي گهر وارن جون همدرديون حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا، پر انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ٿي ڪيائون ته سندن مرڻ جو پڙي، يا اهڙي ڪنهن امڪان جو پڙي سندن پارن کي ڪيڏو نه ذهني دک رسي رهيو هوا ڇا رکيو جنگ جي ميدان ۾ وڙهندڙ سپاهي تڪليف ۾ هوندا آهن؟ منهنجي خيال ۾ ته پويان رهجي ويل وڏيڪ مصيبت ۾ هوندا آهن، جو ڪين پنهنجو ملڪ به هلائڻو هوندو آهي. پاهرين دنيا کي به اهو ڏيکارڻو هوندو آهي ته اسان جي قوم همت واري ۽ ارادي جي پڪي آهي ۽ جنگ اسان جي طاقت ۽ اسان جي ارادي کي ڇهو نه رسائي سگهندي. سو، جي اهين اهڙن ماڻهن کي خط لکي، اجاين خفقانن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا سون ته پيلا ملڪ ڪيئن هلندو؟ سپاهيءَ کي هر حال ۾ خوش رهڻ کپي، ڪين انهيءَ ڳالهه تي فخر ڪرڻ گهرجي ته سندس زندگي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ ڪم اچي رهي آهي. پيلا گهر وارن کي پريشان ڪرڻ مان ڇا حاصل. باقي جيڪڏهن ڪو سپاهي موت کان ڊڄي ٿو، ميدان جنگ ۾ خوش نٿو رهي سگهي، ته ڪيس زنانو لباس ڍڪي، ڇوڙيون پائي گهر ۾ ويهي رهڻ گهرجي ۽ پڪريون ڏهڻ يا پارن کي پرچائڻ جو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. اهڙن ماڻهن جي ميدان جنگ ۾ ڪا

ضرورت ڪانه هوندي آهي.

"آءٌ پهرئين سال دوران ٻه ڀيرا زخمي ٿيس، پر زخم معمولي هئا. پهرين ڀيرو ٻانهن ۾ گولي لڳي هئي ۽ ٻيو ڀيرو بم جو ٽڪرو اڏامي اچي ٽنگ ۾ لڳو هوم. جرمن فوجون منهنجي ٽرڪ کي چئني پاسن کان گهيري ورتو هو، پر منهنجا پاڪ زور هئا، آءٌ سندن گهيري مان آن ڀيري بچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس.

"مئي ١٩٤٢ع ۾ 'نوروفينڪي' جي محاذ تي آءٌ جهاجهي پيس. اهو وقت ڏاڍو خراب هو. حالتون اسان جي وس ۾ نه رهيون هيون. جرمن سپاهي ميدان تي حاوي هئا، هو پوريءَ قوت سان حملو ڪري رهيا هئا ۽ اسان جي توبخاني جو بارود ختم ٿي رهيو هو. حالتون اهڙيون هيون جو اسان کي آنهيءَ هند تائين پوئتي هٽڻ جي ڪوشش پئي ڪرڻي پئي جو جرمن سپاهي ڌڪيندا اسان ڏانهن وڌي رهيا هئا. اسين ٽن طرفن کان گهيري ۾ هئاسين ۽ ساڄي، کابي ۽ سامهون رخ کان اسان تي توبن، مشين گنن ۽ ٽئنڪن وسايل گولاباري اهڙي سخت هئي، جو اسان جو ڪو سپاهي جيئرو نه رهي سگهي ها! اها صورتحال اسان سڀني جي ذهن ۾ بلڪل واضح هئي ۽ اسين ڪابه قرباني ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار هئاسين.

"اينڊري اسڪوڪوف! ڇا تون وڃڻ لاءِ تيار

آهيو؟" اسان جي ڪمپني ڪمانڊر مون کان سوال پڇيو، هن کي اهو سوال نه پڇڻ کپندو هو! ڇا، آءٌ اهڙو بي غيرت ۽ بزدل هوس، جو پنهنجن هموطن سپاهين کي ائين مرندو ڏسان ۽ وقت پوڻ تي پنهنجي جان جي فڪر ڪريان!

"مون جوش وچان کيس جواب ڏنو.... آءٌ اڪيلي ويندس!"

"هن چيو ته 'شاباس، همت ڪر ۽ جلدي وڃ!"

"مون پنهنجي ٽرڪ چالو ڪئي، زندگيءَ ۾ اڪيلي ڪڏهن مون اهڙيءَ رفتار سان ٽرڪ نه هلائي هئي! صورتحال اهڙي هئي، جو مون کي نهايت تيز رفتاريءَ ۽ انتهائي خبرداريءَ سان گاڏي هلائڻي هئي، جو منجهس ڪي پڻاڻا يا گوگڙو نه پر بم ۽ گولا بارود لڏيل هو ۽ آهو مون کي پنهنجن ساٿين تائين ب… پهچائڻو هو. سندن زندگيءَ ۽ موت جو گهڻو دارومدار منهنجي پهچڻ يا نه پهچڻ تي هو، روڊ جي ٻنهي ڪنارن تي دشمن جا گولا ڪري رهيا هئا ۽ آءٌ هر خطري کان بي نياز ٿي اڳتي وڌي رهيو هوس. چار ميل روڊ تي هلڻ کان پوءِ مون کي رستو ڇڏي ماڙيءَ طرف مڙڻو هو، جو انهيءَ طرف اسان جو توبخانو هو. آءٌ ڪاميابيءَ سان منزل کي ويجهو اچي پهتس، ته اهو ڏسي وائڙو ٿي ويس ته اسان جا سپاهي پنهنجا مورچا ڇڏي پوئتي اچي رهيا هئا ۽ چئني طرفن کان مٽي بم ۽ گولن جو

وڪارو ٿي رهيو هو. اها صورتحال منهنجي لاءِ پريشانيءَ
جو سبب ٿي پئي. پلا، هاڻي آءٌ ڇا ٿي ڪري
سگهيس! واپسيءَ جي رستي تي به سلامتي نه هئي ۽
اڳيان وڌڻ به ناممڪن هو. اڃا آءٌ انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هوس
ته ڪا شيءِ منهنجي مٿي ۾ اچي لڳي ۽ آءٌ بيهوش
ٿي ويس. بيهوشيءَ جو عرصو ڪيترو هو، ۽ آءٌ جيئرو
ڪيئن بچي ويس، تنهن جي مون کي ڪا خبر نه آهي.
پر جڏهن منهنجون اکيون کليون، ۽ ڪجهه هوش آيم،
ته منهنجو مٿو سور کان ڦاٽي رهيو هو. جسم تمام گهڻو
گرم هوم ۽ هر عضوو ڄڻ ڪر ٽٽو ٿي! منهنجي ڪاپيءَ
پاڻين کي ڄڻ ڪنهن وڌي، لوڻ مرچ ٻرڪي رهيو هو.
اٿڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ناڪام ٿيس. نيٺ ڪافي
دير کان پوءِ ۽ وري ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ
اٿي ويٺس، پر پوءِ به مون کي اها خبر نه پئجي سگهي
هئي ته آءٌ ڪٿي هوس ۽ منهنجي بيهوشيءَ واري وقت
۾ ڇا ڇا ٿي چڪو هو. بيهڻ ۾ مون کي ڏاڍي تڪليف
ٿي رهي هئي، پر وري زمين تي ليٽڻ جي خيال کان
ڏي ڪنبيو ٿي ويس، جو مون کي پڪ هئي ته ليٽڻ
کانپوءِ وري ڪڏهن به اٿي نه سگهندس. بهرحال آءٌ
انهيءَ هنڌ تي ويٺو رهيس ۽ پنهنجي همت کي جاڳائي
سور کي پيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. جڏهن
حالت ڪجهه ٺيڪ ٿيم، تڏهن پنهنجي چوڌاري نهاريم:
حالتون وڌيڪ خراب نظر آيم. مون واري ٽرڪ تباهه،

ٽيءَ چڪي هئي ۽ بارود جا ڪوڪا روڊ تي وڪريا پيا هئا، ۽ لڙائيءَ جو محاذ اڳتي سُري چڪو هو ۽ آءٌ پوئتي رهجي ويو هوس ۽ اُئين آءٌ هاڻي دشمن جي علائقي ۾ اڪيلو رهجي ويو هوس! توهان کي اهو پڻ ٻڌايان ته پاڻ کي دشمن جي علائقي ۾ موجود ڏسي منهنجون واڇون ٻٽال ٿي ويون موت انسان کي هڪ دفعو اچڻو آهي، اهو ايذاءُ هڪ ڀيرو دفعي برداشت ڪري سگهجي ٿو، پر نازي جرمنيءَ وارا جنگي قيدين سان جيڪو سلوڪ ڪندا آهن، تنهن جو احوال ٻڌي ڏسي ماڻهوءَ جا رونءَ ڪانڊارجيو ٿي ويا. هو بار بار ماريندا ۽ جيئاريندا آهن، ۽ سندن ايذائن جو احساس انهيءَ ماڻهوءَ کي ٿي سگهي ٿو، جيڪو پاڻ سندن قيد ۾ رهي آيو هجي. ۽ هاڻ آءٌ جرمنيءَ جو قيدي هوس! اهو معلوم ڪري ته آءٌ قيدي هوس، اتيئي زمين تي ليٽي پيس، جو هاڻ مون کي وري اٿڻ جو ڪو چاهه دل ۾ نه هو. اڃا پل ساعت مس لنگهي هئي، جو چار جرمن ٽينڪ، تيز رفتاريءَ سان منهنجي ڀر مان لنگهي ويا. انهن کان پوءِ وري ٽوبون لنگهيون ۽ تنهان پوءِ پيادي فوج. فوجي گهڻا ڪونه هئا، هڪ ڪمپنيءَ جي لڳ ڀڳ هئا. هنن مون کي ڪونه ڏٺو هو ۽ ڊوڙندا انهيءَ طرف وڃي رهيا هئا جتان آءٌ آيو هوس. سندن وڃڻ کان پوءِ مون پنهنجو منهن زمين ۾ هٿي لڪائي ڇڏيو. مون کي پنهنجي زخمي ٽنگ جي ڪا پرواهه نه هئي،

پر جرمن سپاهين جو اڳيان وڌڻ، مون کي ٻي موت
ماري رهيو هو. ڪجهه دير کان پوءِ منهن ورائي وري
جائزو ورتم ته پاڻ کان ڪي سؤ وال پري ڇهن جرمن
سپاهين کي ڏٺم، جن جي هٿن ۾ هلڪيون مشين گنون
هيون، هو خاموشيءَ پر تيز رفتاريءَ سان مون ڏانهن
اچي رهيا هئا. موت کي پنهنجي ايترو ويجهو ڏسي،
آءٌ اٿي ويٺس ۽ پوءِ اطمينان سان سينو تاڻي اٿي
رهيس، جو مون سيني تي گولي جهلي مرڻ ٿي چاهيو
هڪ جرمن مون کان چند وکون پري بيهي رهيو ۽
مشين گن ڪلهي تي رکي منهنجو نشان چٽڻ لڳو.
”سچ پڇو ته انهيءَ وقت مون پنهنجي ليکي اها
عجيب ڳالهه نوٽ ڪئي هئي ته مون کي ڪو ڊپ
ڊاءُ نه پئي محسوس ٿيو، نه ڪنهن قسم جو افسوس
هوم، نه ڪو ڏک، بس اهو ئي خيال منهنجي ذهن ۾
هو ته آءٌ وطن خاطر پنهنجي جان قربان ڪري رهيو
آهيان. آءٌ جرمن سپاهيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي
نهاري رهيو هوس ته ڪڏهن ٿو گولي هلائي. اهو
سپاهي نوجوان هو، نازڪ به لڳو ٿي پر سندس چهري
جي تاثر پڙهڻ سان معلوم ٿيو ٿي ته هُن به سڄي
دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو خواب ڏٺو هو ۽ پنهنجي
رستي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ جو عزم
ڪيو هو. مون کي پڪ هئي ته هو مون تي گولي
هلائڻ وقت اهو بلڪل نه سوچيندو ته هي ڪنهن معصوم

جو پيءُ هوندو، هن جا ٻه ڪي ماءُ پيءُ هوندا. اهڙيون ڳالهيون ته جنگ جي ميدان ۾ سوچڻ گناهه آهن، ڇو جو جيڪو جنگ جي اڳرائي ڪندو آهي، تنهن جي ذهن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه هوندي آهي ته ڪو جنگ سان ٻار يتيم ٿا ٿين، عورتون بيواهه ٿيون ٿين، مائٽن جا جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿا ٿين، ۽ جنهن جي خلاف اڳرائي ٿئي ٿي تنهن کي وري ملڪ جي بچاءَ خاطر، دشمن سان ڪا رعايت نه ڪرڻ کپي، جو ڪنهن ٻار جو يتيم ٿيڻ يا عورت جو بيواهه ٿيڻ وطن جي مقدس سرزمين کان وڌيڪ اهم نه هوندو آهي! جرمنيءَ اڳرائي ڪئي هئي، انهن کي وڙهڻ آيو هو، سو هو ڪيئن مون کي زنده ڇڏين ها؟ ۽ جي مون کي وجهه ملي ها ته آءٌ به شايد کين بخش نه ڪريان ها. پر ان نوجوان گولي نه هلائي ڇو جو ساڻس گڏ جيڪي ٻيا سپاهي هئا تن مان ڪو شايد نئيو آفيسر به هو، تنهن رڙ ڪري کيس ڪجهه چيو ۽ ٽڪي کيس ٻري ڪيائين، ۽ پوءِ منهنجي سامهون بيهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ خبر نه آهي ته ڇا چوندو رهيو ڳالهائڻ دوران هو منهنجي زخمي ٻانهن ڏانهن به نهاريندو رهيو ۽ پوءِ اوله طرف اشارو ڪري ڪجهه چيائين. مون سمجهيو ته هو مون کي اوله طرف وڃڻ جو چئي رهيو آهي.

”اهو نوجوان جنهن مون کي مارڻ تي چاهيو، سو

منهنجن نون آرمي بوٽن ڏي لالچي نظرن سان ڏسي رهيو هو. سندن آفيسر جي ڳڻتيڪر ختم ٿي، ته هن مون کي بوٽ لاهڻ جو اشارو ڪيو. مون بوٽ لاهي کيس ڏنا، ۽ جوراب پڻ کيس پيش ڪيم، جنهن تي سندس سائي ٺهڪ هڻي کلڻ لڳا ۽ هن ڪاوڙجي وري مشين گن ڪڍي مون تي سڌي ڪئي، پر سندس آفيسر کيس ٽوڪو ڏيئي اڳتي هلڻ لاءِ چيو. هو روڊ تائين پهتا، انهن وچ ۾ هن نوجوان تي چار گهمرا موڙي مون ڏانهن نهاريو، جڻ کيس مون سان ڪا ذاتي دشمني هجي يا ڪو مون سندس بوٽ ڦريا هئا.

”انهن جي وڃڻ کان پوءِ آءٌ به روڊ تي هلڻ لڳس، ڪمزوريءَ جي ڪري تکو نٿي هلي سگهيس، سو مڙيئي منو ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان اڳتي وڌي رهيو هوس ۽ تڪ جي سڌ ۾ به نٿي هلي سگهيس جو پنهنجي ٽوڙندڙ پيرن کي پنهنجي وس نٿي رکي سگهيس. سڌ پڌ تي مون کي پنهنجي بٽالين جا ڪجهه سپاهي ڏسڻ ۾ آيا جيڪي ڏهه جرمن سپاهين جي نظرداريءَ ۾ اڳيان وڃي رهيا هئا. جرمن سپاهيءَ مون کي ڏسي بنا ڪجهه چوڻ جي رائفل جو ڪنداڪ منهنجي مٿي ۾ وهائي ڪڍيو. جي آءٌ ان ٽڪ لڳڻ سان ڪري پوان ها ته جرمن سپاهين کي هڪ شغل هٿ اچي وڃي ها ۽ هو مون کي وري وري ڪنداڪ هڻن ها، پر منهنجي ساٿين ڪِرڻ کان اڳ ۾ مون کي

مٿيالي ورتو ۽ پنهنجي وچ ۾ ڪري ورتائون. هو موٽ
کي ٻانهن کان پڪڙيو ساڳئي نموني اُٿي وڃڻا رهيا
۽ سمجهائين هڪ مون کي ڇڏيو، 'خدا جي واسطي
همت ڪر، پنهنجي ٽنگن تي ڪنٽرول ڪر ۽ هلڻ جي
ڪوشش ڪر! جيسين تائين بدن ۾ ٿوري به طاقت اٿئي،
هلندو رهه. نه ته هي ظالم توکي پورو ڪري ڇڏيندا!'
جيتوڻيڪ آءٌ پڻ ڪمزور ٿي چڪو هوس، پر تنهن
هوندي به هلندو رهيس. جڏهن سج پنهنجو سفر پورو
ڪري اولهه ۾ غائب ٿي ويو ته اسان جي نگراني
ڪندڙن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو ويو. وڌيڪ ٻيا سپاهي
جن وٽ هلڪيون مشين گنون ۽ اسٽين گنون هيون،
تن کي ٻيهرين سپاهين سان شامل ڪيو ويو. انهن سڀني
گڏجي اسان کي تڪڙو هڪلڻ شروع ڪيو، ۽ جيڪي
زخمي تڪا نه ٿي هلي سگهيا تن کي پڻ کان ڌار
ڪري، هڪ صف ۾ بيهاري، گولين سان ختم ڪري
ڇڏيائون. پڻ بيوقوفن بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڀڄڻ جي
ڪوشش ڪئي، پر کين شايد اها خبر نه هئي ته
چانڊوڪيءَ رات ۾ انسان هڪ ميل کان ڏسڻ ۾ پيو
ايندو آهي، مٿان وري ميدان به سنئون سڌو هو، جرمن
سپاهين جلد ئي کين پڪڙي ورتو پوءِ اتري مهرباني
ڪيائون جو کين عذاب ڪونه ڏنائون، رڳو گوليون
هڻي کين ماري ڇڏيائون. اڌ رات ڌاري اسان جو قافلو
هڪ ڳوٺڙي ۾ پهتو، جيڪو بمباريءَ ڪري ڌري ڪهٽ

سڄو تباهه ٿي چڪو هو، پر هڪ چرچ جي عمارت انْ
۾ صحيح سلامت هئي ۽ جرمن فوجين اسان کي انهي
عمارت ۾ ڏکي ٻاهران بند ڪري ڇڏيو. انهرو بہ
شڪر جو ڪجهه دير ساهه کڻڻ لاءِ تہ مليو! نہ تہ هوند
هلندي هلندي، ڪٿي ڪري مرون ها. انهيءَ چرچ ۾
اسان کي باقي رات جو رهيل حصو گذارڻو هو. ۽
اگهاڙي فرش تي سمهڻو هو. هيٺ نہ تہ گاهه هو ۽
نہ ڪي وري ڪنهن وٽ اوور ڪوٽ هو، جو زمين تي
وڇائجي ها. قيدين جو وڏو حصو تہ عام فوجين جو هو،
پر هونئن بہ جيئن تہ هيني پنهنجا ڪوٽ لاهي ڇڏيا
هئا انهيءَ ڪري سندن عهدي متعلق ڪا خبر نہ ٿي
پئي سگهي. جڏهن اسان کي چرچ ۾ ڏڪيو ويو هو
تہ اسان سوچيو هو تہ ڪجهه دير آرام ڪري سگهنداسون،
پر قدرت کي شايد اهو منظور ڪونہ هو. سڄي رات
زوردار مينهن وسندو رهيو، ۽ جيئن تہ چرچ جي ڇت
جو هڪ پاسو بمباريءَ سبب ڪري چڪو هو ۽ باقي
حصو بمن جي ذرن ۽ گولين لڳڻ ڪري پرڻ ٿيو پيو
هو. مينهن جو پاڻي سڄي جو سڄو اندر اچي رهيو هو،
۽ سمهڻ تہ پري رهيو، اسان کي ويهڻ لاءِ بہ ڪا
مشڪل جاءِ نہ ملي سگهي ۽ اسين سڄي رات سوڙهه
سڪوڙهه ۾، هڪ ڪنڊ ۾ جهڳٽو ٿيا پيا رهياسون.
"رات جا ٻہ پهر لنگهي چڪا هئا، مينهن وسي
رهيو هو ۽ چرچ ۾ بلڪل خاموشي هئي، ننڊ سنهجي

اکين مان غائب هئي ۽ آءٌ جنگ متعلق ۽ پنهنجن زخمن متعلق سوچي رهيو هوس، ته اوچتو مون محسوس ڪيو ته منهنجي پير ۾ وٺل هڪ سپاهي روئي رهيو آهي. آءٌ ڏاڍو حيران ٿيس ته جنگ جي ميدان ۾ ڪو سپاهي ڳوڙها ڪيئن ٿو ڳاڙي سگهي، پر پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته معاملو اهو نه هو، جيڪو آءٌ سوچي رهيو هوس. هن سپاهيءَ کي دراصل جهنگ وڃڻ جي حاجت محسوس ٿي رهي هئي ۽ هاڻ معاملو سندس برداشت کان ٻاهر ٿي چڪو هو. جيئن ته اسين قيد هئاسون ۽ ٻاهر نڪرڻ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو، تنهنڪري جنهن به قيديءَ کي ضرورت محسوس ٿي ٿي، انهيءَ چرچ جي عمارت جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي پيٽ جو بار هلڪو ڪري ٿي ورتو سو مون به پنهنجي ساٿيءَ کي اهائي صلاح ڏني ته روئڻ مان ڪي ڪين ورندو ۽ شرم حيا جي مسئلي کي ڇڏي هو پنهنجي حاجت پوري ڪري وٺي. پر اهو ٻڌي آءٌ اچرج ۾ پئجي ويس ته، اهو سپاهي عيسائي هو ۽ چرچ سندس خدا جو گهر، تنهن کي ڪيئن پليد ڪري!! مون کيس سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر همراهه پڪو مذهبي ماڻهو هو ۽ صفا نابري واري بيٺو. آءٌ ماٺ ٿي ويس ۽ هن سپاهيءَ مجبور ٿي زور زور سان دروازو کڙڪائڻ شروع ڪيو، ۽ ٻيهي جرمن فوجين کي گاريون ڏيڻ لڳو، جنهن تي چوڪيدارن دروازو کوليو ۽ مٿس مشين گن سان فائر

ڪري ڏنائون، جنهن ڪري هو پاڻ ۽ ٻيا ٽي ڄڻا به
مري ويا. اسان ڇهني سپاهين جي لاشن کي هڪ ڪمبل
۾ ليٽائي ڇڏيو، ۽ ڪيتري دير تائين ماٺ ڪيو ويٺا
رهياسين. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن موت جي بوءِ
اسان جي دماغن مان نڪتي، تڏهن وري سپاهين
ڳالهائڻ شروع ڪيو، هڪٻئي کان ٽالو ۽ انگريزن
۾ گرفتار ٿيڻ وارا واقعا پڇڻ لڳا. هر ڪو پنهنجي
ڪمپنيءَ جي سپاهيءَ کي پئي تلاش ڪيو ۽ کيس
پنهنجي ويجهو اچڻ لاءِ پئي چيائين. ٿوري دير ۾
سڀ قيدي ٻن ٻن، ٽن ٽن جي ٽولين ۾ ورهائجي ويا.
آءٌ جتي ويٺو هوس اتي ٻه ٻيا قيدي پاڻ ۾ ڳالهائي
رهيا هئا. انهن مان هڪ ٻئي کي چئي رهيو هو،
'پلاٽون ڪمانڊر ڪامريڊ! جي صبح جو هو اسان کي
ٻاهر ڪڍي قطارن ۾ بيهاري، اهو پڇن ته اوهان مان
آفيسر ڪهڙا، ڪميونسٽ ۽ يهودي ڪهڙا آهن، ته
اوهان کي سچ کان ڪم وٺڻو پوندو. ڪوڙ ڳالهائڻ
يا ماٺ ڪري بيهڻ اوهان کي نه ڦٻي سگهندو، ڇو
جو مون کي خبر آهي ته اوهين آفيسر به آهيو ۽
ڪٽر ڪميونسٽ پڻ. جي هنن مون کان پڇيو ته آءٌ
ته جهٽ اوهان ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيندس. ڀلا آءٌ
ڇو ڪنهن ٻئي کي لڪائڻ خاطر عذاب برداشت
ڪريان؟ اوهان مون کي به ته هميشه پارٽيءَ ۾ شامل
ٿيڻ لاءِ چوندا رهيا آهيو، اڄ اوهان کي ڪميونسٽ

هجڻ جو مزو چکڻو پوندو!‘

”اها ڳالهه ٻڌي ٻئي قيديءَ وراڻيو، ’ڪرزنوف، تو مان وفا جي اميد مون کي ڪڏهن به ڪانه هئي، پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار جو ضرور ڪو سبب هوندو آهي ۽ انهيءَ مان آءٌ سمجهندو هوس ته تون ڪڏهين وفادار نه ثابت ٿيندين، پر مون کي اها خبر نه هئي ته ڪو تون ملڪ ۽ قوم جو غدار پڻ آهين! تو پارٽيءَ ۾ نه شامل ٿيڻ لاءِ اهو بهانو ٿي پيش ڪيو ته تون اڻ پڙهيل آهين، جڏهن ته تون پڙهڻ ۽ لکڻ ڄاڻين ٿو!‘

”پهرئين ماڻهوءَ چيو، ’ٺيڪ آهي آءٌ پڙهيل ڳڙهيل آهيان، پوءِ تون مون کي ڇا ڪندين؟‘

”ڪجهه دير تائين ٻئي ماٺ ڪيو ويٺا رهيا، پوءِ پلاٽون ڪمانڊر چيو، ’ڪامريڊ ڪرزنوف‘ مهرباني ڪري مون کي دشمن جي گولين ۾ وڃڻ کان بچائجان!‘

”پهريون ماڻهو کلڻ لڳو ۽ ٺوڪ واري انداز ۾ چوڻ لڳو، ’تنهنجا ڪامريڊ تمام گهڻو پوئتي رهجي ويا آهن ۽ پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ پيا جدوجهد ڪن! آءٌ ڪامريڊ نه آهيان، ٻڌءِ! گهڻي ڳالهائڻ ۽ منٿون ڪرڻ جي به ڪا ضرورت نه آهي. بس رڳو هي ڄاڻ سهي، آءٌ يڪدم تنهنجو راز پڌرو ڪري ڇڏيندس.‘

”ٻيتريءَ گفتگو ڪرڻ کان پوءِ پلاٽون ڪمانڊر به وڌيڪ ڪرنه ڪڇيو، پر مون جو هن ڪميڻي انسان

ڪرزنوف جي گفتگو ٻڌي هئي، سو منهنجو سڄو جسم ڪاوڙ سان ڏڪي رهيو هو، مون کي عجب ٿيو ته اسان جي صفن ۾ اهڙا ذليل ۽ غدار انسان موجود هئا، ۽ ٻڪو ٻيو ڪم نه هن نانگ کي ڏنگڻ کان اڳ، چرچ ۾ ئي پورو ڪري ڇڏيندس. جڏهن چٽو صبح ٿيو ۽ سج جا ڪرڻا چرچ ۾ گهڙي آيا، تڏهن مون ڏٺو ته منهنجي ڀرسان هڪ ٿلهو ماڻهو پنهنجا هٿ مٿي هيٺ ڏيو، پٺ ڀر ستو پيو هو، ۽ سندس ڀرسان هڪ نوجوان جنهن کي رڳو قميص پاتل هئي سوڻن ۾ مشغول هئيو ويٺو هو. سندس چهرو سفيد ٿي ويو هو ۽ يقيناً جرمن سپاهين جي ڪميونسٽ دشمني متعلق سوچي رهيو هو. مون سوچيو ته هي نوجوان، ان ٿلهي متاري گيندي جهڙي غدار جو مقابلو بنهه نه ڪري سگهندو ۽ مون کي اڪيلي سر اهو ڪم ڪرڻو پوندو.

”مون نوجوان جي ڀانهه، لوڏي ڪانئس پڇيو، ’ڇا پلاٽون ڪمانڊر آهين؟ هن زبان سان جواب نه ڏنو پر ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪيائين. تڏهن وري ڪانئس پڇيم، ’ڇا هيءُ غدار توکي دشمن جي حوالي ڪرڻ چاهي؟‘ هن وري هاڪار ڪئي، تڏهن مون وري ڪيس چيو، ’چڱو ڀلا، ته تون ذليل جون تمڪون قابو ڪري جهل، متان اسان کان ڇڏائي نه وڃي. ۽ پوءِ ٻاڻ ڏب ڏيئي سندس سيني تي چڙهي ويٺس ۽ پنهنجي

جسم جي پوريءَ طاقت سان ان کي گهٽو ڏيڻ لڳس. غدار ڪرزنوف کي رڙڻ ڪرڻ جو به وجهه نه مليو ڪيو ۽ هو پنجن منٽن اندر ختم ٿي ويو. سندس زبان وات مان ٻاهر نڪري آئي هئي، ۽ اکيون به ڏوڏن مان ٻاهر نڪري آيون هيون. سندس اکين مان حيرت بکي رهي هئي، ڄڻ هو مون کان پڇندو هجي ته تنهنجي مون سان ڪهڙي دشمني هئي! مون سندس منهن تي ٿڪيو ۽ دل ٿي دل ۾ خوش ٿيس ته سرزمين روس خلاف غداري ڪندڙ هڪ ڪميڻو انسان پنهنجي ذليل مقصد جي حصول کان اڳ ئي جهنم داخل ٿي چڪو هو ۽ سندس موت منهنجي هٿان ٿيو هو. آهو منهنجي زندگيءَ جو پهريون موقعو هو جو مون ڪنهن انسان کي ماريو هو، ۽ ماڻهو به ڪير؟ پنهنجو ئي ساٿي! سو غير يا دشمن نه! پر ڇا هو اسان جو ساٿي هو؟ نه، هو ته جرمن فوجين کان به وڌو دشمن هو، اهڙو ناڻگ جنهن کي اسين پاڻ سانڍيندا رهيا هئاسين. مون کي ان قتل ڪرڻ تي ڪو ڏک نه ٿيو، ائلو خوشي ٿيم ته هڪ غدار کي سندس انجام تائين پهچايو اٿم. ڪرزنوف کي ماري مون ڀلاٽون ڪمانڊر کي چيو، 'اچ ته پيءَ ڪنهن ڪم ۾ هلون، هن بي غيرت پرسان ويهڻ به نه گهرجي!'

"صبح جو جڏهن ڪرزنوف چيو هو تڏهن ئي ٿيو. اسان کي چرچ مان ٻاهر ڪيڏي قطارن ۾ بيهاريو ويو.

اسان جي سامهون جرمن سپاهي مشين گنون کنيو بيٺا
هئا. ڪجهه دير کان پوءِ ٻه نازي آفيسر آيا ۽ اسان
مان خطرناڪ قيدين متعلق پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳا! انهن
اسان کان ڪميونسٽ ۽ يهودي قيدين متعلق پڇيو،
پر اسان ڪنهن ڪو جواب نه ڏنو. پر اسان مان سڀ
قيدي گهڻو ڪري ڪميونسٽ هئا. جڏهن اسان ڪنهن
ڪو جواب نه ڏنو تڏهن هنن پنهنجي مرضيءَ سان ٻه-
ٽيهه قيدين مان چار ماڻهو ڪڍيا جن مان هڪ يهودي
هو ۽ ٽي ڪميونسٽ. اهي ٽي روسي دراصل انهيءَ
شڪ جي بنياد تي ڪڍيا ويا هئا، جو هو پنهنجن ڪارن
گهنڊيدار وارن ڪري يهودي لڳي رهيا هئا. نازي آفيسرن
ڪانئن پڇيو ٻه سهي ته ڇا اوهين يهودي آهيو؟ هنن
رڙيون ڪري ڪنهن ٻڌايو ته هو يهودي هئا، پر نازي
آفيسر سندن رڙين تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجن
بندوقچين کي حڪم ڏنائين ته چئني قيدين کي شوٽ
ڪيو وڃي. پوءِ انهن چئني لاشن کي اتيئي کليل
آسمان هيٺ ڇڏي، اسان کي اڳتي وڌڻ جو حڪم
ڏنو ويو. پلاٽون ڪمانڊر، جنهن جي جان بچائڻ خاطر
مون ڪرزنوف کي ماريو هو، سو 'پوزنان' تائين مون
سان گڏ هلندو رهيو. رستي ۾ هو پل پل منهنجي
مهرباني مڃي رهيو هو ۽ منهنجي همٿ کي گرم جوشيءَ
سان ڏيائي پنهنجي احسانمنديءَ جو اظهار ڪري رهيو
هو. پر مون ڪوس چئي ڇڏيو ته مون ڪو ٿس احسان

ڪونہ ڪيو هو، اهو منهنجو فرض هو جو ڪو مون پورو ڪيو هو. پوزنان پهچي، اسين هڪ ٻئي کان ڌار ٿي وياسين.

"دشمن جي قيد ۾ رهڻ ڪير پسند ڪندو آهي؟ مون بہ پڪي وچن ٿي چاهيو، پر گڏوگڏ اهڙائيءَ کان ڪم نٿي وٺڻ چاهيم. آءٌ انتظار ۾ هوس تہ ڪڏهن ڪو مناسب وجهہ ملم! پوزنان ڏانهن اهڙو ڪو موقعو نہ ملي سگهيو، پر پوزنان ڪيمپ ۾ اهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي، جو آءٌ پنهنجي ويچارن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، دراصل پوزنان پهچڻ تائين اسان جا ڪيترا ساٿي بيچيني ۾ اٿمن وڃي لاڏاڻو ڪري ويا ۽ جرمن سپاهين رحم کان ڪم وٺندي، اسان کي پرپاسي واري جهنگ ۾ پنهنجن ساٿين جي جنازن کي دفن ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. مئل سپاهين کي دفنائڻ لاءِ قبرون کوٽڻ جو ڪم اسان کي پاڻ ڪرڻو هو، سو جرمن سپاهي پنهنجن ٽن ساٿين کي اسان جي نگرانيءَ لاءِ ڇڏي پاڻ ٿورو پرڀرو ڪچهريءَ ۾ لڳي ويا. مون قبر کوٽيندي جائزو ورتو تہ ڏٺم تہ اسان جا ٽي محافظ بي خبر ڪچهہ ڪاٽي رهيا هئا، ۽ ٿورن ڪجهہ پريان آس ۾ جهوٽا کائي رهيو هو. اهو ڏسي مون ٻيلچو ڪٿي هڪ طرف رکيو ۽ پير واري رڻ پريان لڪي ويس. جڏهن ڏٺم تہ هنن مون کي لڪندي نہ ڏٺو آهي، تڏهن اوپر طرف منهن ڪري وٺي ڀڳس.

منهنجي ڀڄڻ جي خبر ڪين ڏيو سان پيئي. آءٌ ڪمزور هجڻ جي باوجود پنهنجي پوريءَ قوت سان ڀڄندو رهيس ۽ هڪ ڏينهن ۾ ڏهه ميل پري نڪري ويس. پر منهنجي هر ڪوشش بيڪار ثابت ٿي. چوٿين ڏينهن هنن مون کي جوئار جي فصل مان پڪڙي ورتو. دراصل ٿيو ائين، جو چوٿين ڏينهن آءٌ جهنگ لتاڙي کلي ميدان ۾ پهچي ويو هوس. پر ميدان ۾ ڏينهن ڏٺي جو سفر ڪرڻ بنهه بيوقوفي ثابت ٿئي ها. سو اهو سوچي ته هينئر ته جوئار جي پوک ۾ لڪي ٿو وڃان، رات جو سفر ڪندس، سو اچي جوئار جي فصل ۾ ٻنيءَ جو گهاٽو جهڳٽو ڳوليو، اتي فصل ۾ ڪو هاري موجود ڪونه هو، سو وات لاءِ ٿمر گڏ ڪرڻ جي بهاني جوئار جا سنگ پٽي پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي رهيو هوس ته اوچتو ڪتن جي ڀونڪڻ ۽ موٽر سائيڪل جو آواز ٻڌم. ڀڄڻ جي ڪا راهه ڪانه هئي، ڇو جو ڪتا هر حال ۾ مون کي پهچي وڃن ها، سو آءٌ پنهنجو چهرو هٿن سان لڪائي، منهن ڀر ليٽي پيس ته جيئن ڪتا منهن جو ماس نه پٽي وڃن. ڪتا هڪ منٽ ۾ جوئار ۾ پهچي ويا ۽ مون کي ڳولي لڌائون ۽ سيڪنڊن ۾ منهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيائون. صورتحال اها هئي، جو آءٌ صفا اگهاڙو ٿي چڪو هوس ۽ هاڻ ڪتن مون کي فصل ۾ گهلڻ شروع ڪيو هو، پر خبر نه ڇو اڃا ڏنڀن هنن منهنجو گوشت کائڻ جي

ڪوشش نہ ڪئي هئي. ابتري ۾ موٽر سائيڪلن تي
اينڊڙ ٻئي جرمن سپاهي به پهچي ويا، جن ٻهرين ته پاڻ
مون کي ڏاڍي مار ڏني ۽ پوءِ ڪتن کي اشارو ڪيائون
جن حڪم ملڻ تي منهنجي جسم تان ٻوٽيون پٽي
ورتيون. منهنجو سڄو جسم رتو رت ٿي ويو هو ۽
ڪتن جي چڪن ڪري آءٌ بيهوش ٿي ويس. هو پوءِ
مون کي خبر نہ آهي ڪهڙي نموني واپس پوزنان
ڪيمپ کڻي آيا، آءٌ سڄي وات اڌ مئل ۽ بيهوش رهيس
۽ ڪيمپ ۾ پهچڻ کان پوءِ به هڪ مهيني تائين اٿي
ويهڻ جي قابل نہ ٿي سگهيس. هنن مون کي اڪيلو
هڪ ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو ۽ آتسي پيو رهيس ۽
ڀڄڻ جا منصوبا پيو ڳاهيندو هوس ۽ سخت ايذائن سهڻ
جي باوجود ڪنهن طرح جيئرو پئي رهيس. قيديءَ کي
فرار ٿيڻ کان پوءِ جڏهن وري گرفتار ڪيو ويندو آهي،
ته ان سان ڪنهن به قسم جي نرمي ڪانہ ڪئي ويندي
آهي. مٿان وري آءٌ هنن نازين جي قيد ۾ هوس! انهن
مون سان ڪهڙيون تعديون ڪيون، تن جو جي آءٌ
ويهي ذڪر ڪريان، تہ ڪر اوهان آهي پڌي به نہ
سگهو. پر آءٌ خبر نہ آهي ڪهڙيءَ مٽيءَ مان ٺهيل
هوس، جو موت مون ڏانهن ڪونہ ٿي آيو. منهنجا
دوست! انهن ڏينهن ۾ مون تي جيڪي ظلم ڪيا ويا
آهي ياد ايندا اٿم، پنهنجا اهي ساٿي جڏهن سامهون
ايندا اٿم جيڪي ظلم جي جنڊ ۾ پيسجي ڦٿڪي، آتي

مرندا هئا، ۽ ڪين ان ڌاريءَ ڌرتيءَ تي دفن ٿيڻ کان
به محروم رکيو ويندو هو، ٻڌڻ منهنجي حالت ڏاڍي
خراب ٿي ويندي آهي ۽ اڄ ساهه به نه کڻي سگهندو
آهيان. قيدي هجڻ واري عرصي ۾ اسان اڃا جرمني گهمي
ورتي. گهمڻ ٿي چڪو، پوءِ کڻي هو اسان سان ورتاءُ
ڪهڙو به ڪندا هئا، اها هڪ الڳ ڳالهه آهي! هو
اسان کي هڪ هنڌ ٽڪڻ سان ويهڻ نه ڏيندا هئا. اڄ
هتي ته سڀاڻي ٻئي ڪنهن ٻئي هنڌ. اسان تي چوڪسي
رکڻ لاءِ سدائين بدليا رهندا هئا، جو هڪ ڪيمپ کان
ٻيءَ ڪيمپ ڏانهن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ جرمن سپاهي
ٿڪجي پوندا هئا ۽ هڪڙن کي هٽائي وري ٻيا تازه دم
سپاهي آندا ويندا هئا. جيئن اسان کي آرام جي ڪا
ويساهڻ يا ٻڌڻ وجهڻ جو ڪو موقعو نه ملي. مون
هن قيد ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪيو، ڪوڏر
هلائي، مال ڍوئيو، رستن تي پٿر ڪٽيا، کڏا کوٽيا،
مطلب ته جيڪو ڪم هو اسان کان وٺي سگهيا ٿي،
سو ورتائون! هر ڪيمپ ۾ اسان کي نئون ڪم ملندو
هو، پر جتي به اسين وياسين، هڪ ڳالهه هرهنڌ ساڳي
ڏٺي سون، يعني جي ڪو روسي قيدي ڪم کان گسائيندو
هو، بيمار ٿي پوندو هو، يا ٻئي وجهه جي ڪوشش
ڪندو هو، ته ساڻس جيڪو سلوڪ ڪيو ويندو هو،
سو هرهنڌ ساڳيو هوندو هو. يعني اڦرون، ٺونشا ۽ ٺڏا
۽ ٽڪا هئا ته، هنٽرن، چهبڪن، لوهه جي سيخن ۽

واڍن جي ڪنڍن سان اصل ڀاڪي وجهندا هئا ۽
اهو نه ڏسندا هئا ته ڏک جسم جي ڪهڙي حصي ۾
لڳي رهيو آهي. هو اسان کي مارڻ وقت، ڏوهه، ڪونه
ٻڌائيندا هئا، اسان جو سڀ کان وڏو ڏوهه اهو هو جو
اسين روسي هئاسون، روسي سرزمين لاءِ وڙهي رهيا
هئاسون ۽ هاڻ جو اسين سندن وس ۾ هئاسون، هو بهانا
ڳولي ڳولي اسان کي ايذاءُ ڏيندا هئا ۽ هيڏانهن ايذاءُ
سهيو سهيو پيا اسان جا ساٿي مرندا هئا. اسان جو تعداد
ڏينهون ڏينهن گهٽبو ٿي ويو. ڀانيان ٿو ته جي جرمني
۾ تندورن لاءِ هنن کي ڪا ڪاٺين جي ضرورت پوي
ها ته هو شايد اسان کي انهن ۾ ڌڪي ڇڏين ها!
اسان کي خوراڪ به ڪا نالي جي مس ملندي هئي،
ايتري قدر جو پيٽ لاءِ پاڻي به اسان کي ڪڏهن پورو
نه مليو. مون کي جڏهن فوج جي ملازمت لاءِ گهرايو
ويو هو، تڏهن منهنجو وزن سوا من هو، پر جن ڏينهن
جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، تڏهن منهنجو وزن
هڪ من ڏهه سير تي وڃي هو. توهان پاڻ سوچيو ته،
منهنجي قدبت واري ماڻهوءَ جو وزن، جي ايترو تي
وڃي ته سندس ڪهڙي حالت هوندي! آءٌ بس هڏين جو
پڃرو ٿي ويو هوس ۽ گوشت منهنجي جسم تي بلڪل
نه رهيو هو. پر انهيءَ هوندي به مونکي جانور وانگر
هر حڪم جي تعميل تي ڪرڻي پوندي ۽ گڏهه جيترو
ڪم تي ڪرڻو پيو.

سيپٽمبر مهيني ۾ انهن هڪ سئو پائيتاليهن جنگي
قيدين کي ڪئمپ نمبر بي ١١٤ ۾ موڪلڻ جو فيصلو
ڪيو. اها ڪئمپ 'برسبن' جي ويجهو هئي ۽ انهيءَ
۾ ٻه هزار قيدي هئا. انهيءَ ڪئمپ ۾ اسان کي پٿر
ڀڃڻ جو ڪم ڏنو ويو ۽ هر قيديءَ جي حوالي
چار چورس ميٽرن جي اراضي ڪئي وئي، جنهن مان
اسان کي پٿر ڪڍي ٻئي هنڌ پهچائڻا هئا. قيدين جي
جسماني حالت اهڙي هئي، جو هو اهڙو سخت ڪم
نٿي ڪري سگهيا، پر انڪار جي به مجال نه هئي سو
اسين ڪم ڪندا رهياسين ۽ مرندا رهياسين نيٺ صرف
ٻن مهينن ۾ هڪ سئو پائيتاليهه قيدين جي گروپ مان
باقي وڃي ستونجاهه بچياسين! جرمن فوجي ايذيءَ تہ
ذلالت کان ڪم وٺندا هئا جو اسان کي پنهنجن سائين
کي دفن ڪرڻ جي به اجازت نہ ڏيندا هئا ۽ هو پاڻ
ويچارن جا لاش کڻي ڪئمپ کان ٿورو پريرو اڇلائي
ڇڏيندا هئا، جيئن پکي ۽ جانور سندن گوشت کائي
وڃن ۽ سندن هڏن جا پڃرا آتي مٽيءَ سان مٽي ٿي
وڃن. هوڏانهن وري اوچتو قيدين جي انهيءَ ڪئمپ
۾ اها خبر پهتي ته لينن گراڊ ۾ جرمن فوجين
استالن گراڊ تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ هاڻي سائبيريا
طرف وڌي رهيا آهن. قيد وارن ڏينهن ۾ اسان کي
پنهنجو پيارو گهر، ٻار ۽ وطن جي سرزمين ڏاڍي ياد
ايندي هئي. گهڻو عرصو تہ اسين انهيءَ اميد تي جي

رهيا هئاسون ته هڪ ڏينهن نيٺ اسين ڏارين کي پنهنجي سرزمين تان ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسون ۽ وري سک ۽ آرام سان پنهنجي رهيل حياتي پوري ڪنداسين. پر اسٽالن گراڊ جي فتح ٿيڻ جي خبر اسان لاءِ قيامت کان گهٽ نه هئي اسان جون همتون ڪمزور ٿيڻ لڳيون، ۽ دشمن اڳيان پاڻ کي اسين گهٽ سمجهڻ لڳاسون. زندگيءَ جو اهو چرخو پوءِ به ڪيترا ڏينهن ساڳيءَ ريت هلندو رهيو. اسين اهو ئي ڪم ۾ گهرندا رهياسين ۽ جرمن محافظ سڄو ڏينهن شراب جي ٽني ۾ بدمست پيا هوندا هئا. پر اسان ۾ هاڻ ايتري همت نه هئي، جو مٿن حملو ڪري ڪئمپ مان ڀڄي وڃون. هڪڙي ڏينهن شام جو اسين سڄي ڏينهن ڪم ۾ وهڻ کان پوءِ جڏهن واپس ڪئمپ تي آياسون ته مينهن وسي رهيو هو، جنهن جي ڪري اسان جا ڪپڙا پُسي ويا ۽ ٿڌيءَ هوا جي ڪري اسين سيءَ کان ڪنبڻ لڳاسون. سيءَ جي سختيءَ ڪري اسان جا ڏند وڄي رهيا هئا، پر ڪا اهڙي جاءِ نه هئي جتي پناهه وٺي اسين سيءَ کان بچي سگهون. مٿان وري بک جا چڪ لڳي رهيا هئا. پر رات جو اسان کي جهڙي تهڙي ماني به ڪانه ملندي هئي. سڀني قيدين جي حالت خراب هئي. جرمن سپاهي اسان کي ڏيکاري ڏيکاري پيا ماني کائيندا هئا، ۽ شراب جا جام تي جام چاڙهيندا هئا. هو سيءَ کان بچاءَ خاطر، باهه ٻاري ان جي چوڌاري ويٺا هوندا هئا.

سندن جاسوس ڪتن کي به ڏيڍي لذيذ ۽ سٺي غذا ملندي هئي. هو پنهنجي مانيءَ جا بچيل ٽڪر اسان جي اکين اڳيان زمين تي اڇلائيندا رهندا هئا، ۽ جهڙو وچارو قيدي بک سان پاڻ تيندي اهي ٽڪر کڻندو هو، تہ هو مٿس ٽهڪ ڪندا هئا ۽ کلندا هئا. اهڙي وقت اسان جي بدن ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪي لڳندا هئا ۽ دل چوندي هئي تہ ڪين قتل ڪري سندن جسم جي بوٽي بوٽي ڌار ڪري ڇڏجي، ۽ دنيا کي ڏيکارجي تہ ڏسو، ظلم ڪرڻ جو اهو نتيجو نڪرندو آهي. پر اسين بي وس هئاسون، رڳو ڏند ڪرٽي ۽ بک کائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڪري سگهندا هئاسون. مون بارش ۾ پسيل پنهنجو لباس لاهيندي سائين کي چيو، ’هي اسان کان چار ميٽر علائقي سان پٽر ٽا کڏ ڏين، جڏهن تہ اسان جي قبر واسطي صرف هڪ ميٽر ڪنڊو ڪافي ثابت ٿيندو! ڀلا انهن چو نٽا ڪن، جو اسان کي پنهنجي لاءِ قبر ڏاهڻ جو حڪم ڏين، ۽ پوءِ هڪ ڏي ڀيرو گولي هڻي اسان کي هن زندگيءَ کان آجو ڪري ڇڏين!‘

”منهنجي اها ڳالهہ ڪنهن غدار قيديءَ پنهنجي لاءِ سهوليت حاصل ڪرڻ خاطر وڃي ڪيمپ ڪمانڊر کي ٻڌائي.“

”جرمن ڪيمپ ڪمانڊر جو نالو ميلر هو. پورو پنو قد، ٿلهو جسم ۽ ڳاڙهو رنگ هوس. مٿي تي ننڍڙا

ننڍڙا اڇا وار ۽ اکين جا ڀرون به سفيد هئس. ڳالهائيندو
هو ته اکيون ٽمڪيءَ سان ماحول جو جائزو وٺندو
رهندو هوس ۽ روسي زبان ائين ڳالهائيندو هو، جيئن
اوهان ۽ آءٌ. مٿان وري سندس ڳالهائڻ جو انداز وولگا
جي علائقي وارن وارو مخصوص انداز هو ۽ ائين ٿي
لڳو پئي هو ڄاڻو ته پنهنجو ڏيهي آهي هو! اسان سڀني کي
انهيءَ ڳالهه تي حيرت ٿيندي هئي ته هن روسي زبان
ڪيئن سکي ورتي هئي. قيدين کي سندس حڪم موجب
روز صبح جو ڪئمپ ٻاهران قطارن ۾ بيهاريو ويندو
هو ۽ هو پنهنجي ساٿي نازي آفيسرن سان گڏ معائني
لاءِ ايندو هو. سندس هٿن ۾ چمڙي جا دستانا پهريل
هوندا هئا ۽ هڪ هٿ ۾ لڪڻ هوندو هوس. جڏهن هو
قيدين جي پر مان لنگهندو هو ته هر ٻئي قيديءَ جي
نڪ تي زور سان لڪڻ وهائي ڪيندو هو، جنهن تي
قيديءَ جي نڪ مان رت ٽيڪيون ڪري وهڻ لڳندو
هو، ۽ سندس اکين ۽ چهري مان سور جا آثار ظاهر
ٿيندا هئا، جن کي ڏسي هن جون اکيون چمڪڻ
لڳنديون هيون ۽ چپن تي مرڪ آڻي چوندو هو، 'اهو
انفلوئنزا جو علاج آهي!' ڪئمپ ۾ قيدين کي چئن
گروپن ۾ ورهايو ويو هو، ۽ روز هڪ گروپ جو معائنو
ڪيو ويندو هو ۽ انفلوئنزا جو علاج ڪيو ويندو هو.
"ملر جي هڪڙي ڳالهه اسان کي ڏاڍي وڻندي
هئي. هو قيدين کي گاريون تمام گهٽ ڏيندو هو،

پر اهي گاريون به روسي زبان ۾ ڏيندو هو ۽ روسي ٻوليءَ ۾ گاريون ٻڌي اسان کي اهو احساس نه رهندو هو ته ڪو ڌاريون يا اسان جو بدترين دشمن اسان کي گاريون پيو ڏئي، پر ابتلو پنهنجي مادري ٻولي ٻڌي خوش ٿيندا هئاسون. ها، جي ڪيس اها خبر پئجي وڃي ها ته سندس گارين ۾ لعنت اسان جي خوشيءَ جو سبب هيون، ته هو پڪ روسي ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏي ها! اسان جو هڪ ساٿي چوندو هو. جڏهن ملر روسي ٻوليءَ ۾ گاريون ڏيندو آهي ته آءٌ اکيون بند ڪري پاڻ کي ماسڪو ۾ تصور ڪندو آهيان ۽ اهڙيءَ ريت مون کي شراب جي نشي کان به وڌيڪ سُرور حاصل ٿيندو آهي!'

"خير، منهنجا دوست، ڳالهه ٿي رهي هئي ته ملر کي منهنجا چيل لفظ جڏهن معلوم ٿيا ته هن ٻئي ڏينهن مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي ورتو. شام جو هڪ مترجم ۽ ٻه محافظ ڪيمپ ۾ آيا ۽ مون ڏانهن اشارو ڪري پڇيائون، آسڪوڪوف اينڊري؟ مون جواب ۾ ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي تنهن تي هنن چيو، ٻاهر نڪر! ڪيمپ ڪمانڊر توکي سڏايو آهي. آءٌ سمجهي ويس ته مون کي ڇو سڏايو ويو آهي، سو اڳواٽ پنهنجن ساٿين کان موڪلايم ۽ ساڻن گرم جوشيءَ سان هٿ ملايم. منهنجا ساٿي به سمجهي رهيا هئا ته آءٌ موت جي منهن ۾ وڃي رهيو آهيان، سو سندن منهن مان

ماڻهوءَ ۾ ڏک ٻڪو لڳو. مون کين سمجهايو ته منهنجي لاءِ غمگين ٿيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي، اڄ دشمن جي هٿان موت کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي، آءٌ پنهنجي هڪ ازلي خواهش پوري ڪندس، باقي توهين به آخر دم تائين همت نه هارجو ۽ دشمن اڳيان سيس نه نوائجو. ۽ پوءِ مرڪندو آءٌ محافظن سان گڏ روانو ٿيس. ڪيمپ مان ٻاهر نڪري مون آسمان طرف نهاريو ۽ تارن کان به موڪلايم ۽ دل ۾ سوچيم، ’اينڊري‘ اڄ تنهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن آهي! جرمن سپاهين جون اذيتون هاڻ توکي برداشت نه ڪرڻيون پونديون. موت کي ايترو ويجهو ڏسي، مون کي اوريانا ياد آئي ۽ ٻارن جو خيال آيم. خبر نه آهي ته هو ڪهڙي حال ۾ هوندا! پر خير، جي اسان جي محبت سچي هوندي ته ٻئي جنم ۾ اسان جي ملاقات ضرور ٿيندي. اهو سوچي، مون پنهنجي ذهن کي ٻارن جي خيالن کان هٽايو جو انهن جي ياد جي ڪري آءٌ غمگين ڏسڻ ۾ ٿي آيس. باقي وات آءٌ پاڻ کي پستول جي گوليءَ جي سهڻ لاءِ تيار ڪندو رهيس. منهنجي خواهش هئي ته آءٌ هڪ بهادر سپاهيءَ وانگر کلندي، مرڪندي، پنهنجي جان ڏيان ۽ دشمن تي اهو ڇٽو ڪري ڇڏيان ته روسي سپاهي بهادر آهن ۽ جرمن فوجين کان ڊڄن نٿا.

”ڪمانڊر جي ڪمري ۾ ڊزهن جي ڀرسان گلدستا پيل هئا، جن ۾ تازا گل پيل هئا. سندس ڪمرو اهڙيءَ

ريتي هينگاريل هو، جنهن کي روسي ڪاٻ هڻي، منڊس
ميز جي سامهون پيل ڪرسين تي ڪئمپ جا ٻيا آفيسر
ويٺل هئا، جيڪي گوشت کائي رهيا هئا ۽ شراب پي
رهيا هئا. ڊبل روٽي، پڳل گوشت، صوفن جو شراب،
ميوا ۽ ٻيا طرحين طرحين جي خوراڪ سان ڀريل ڪلهل
ڏسي ڏسي، منهنجي منهن ۾ پاڻي اچي ويو. قيد ٿيڻ
کان پوءِ هي پهريون پيرو هو جو مون انسانن جي
خوراڪ پنهنجي اکين سان ڏٺي هئي، نه ته اسان کي
ڪاٺي لاءِ نه ڏنو پر ڪڏهن چڱي خوراڪ ڏسڻ جو
به موقعو نه مليو هو. مون کي سخت بک به لڳي
رهي هئي ۽ ڪاڏو ڏسي پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ ڏکيو
ٿي پيو. پر پوءِ مون همت ڪري ميز تان پنهنجون
نگاهون هٽائي ڇڏيون.

”منهنجي بلڪل سامهون ڪئمپ ڪمانڊر ملر ويٺو
هو، جيڪو پنهنجي ريوالور کي پنهنجي هٿن ۾ گهمائي
رهيو هو. منڊس چمڪندڙ اکيون مون ڏانهن اٿين نهاري
رهيون هيون، جڻ نانگ پنهنجي شڪار کي پرکيندو
هجي. آءٌ سڌو سنئون، منڊس سامهون بيٺو هوس. مون
کي وٺي ايندڙ پنهنجي محافظن مان هڪ، نازي سليوٽ
ڪندي، ڪڙي چيو: ”هير ڪمانڊنٽ! جنگي قيدي اينڊري
اسڪورف اوهان جي اڳيان حاضر آهي!“

”ملر اهو ٻڌي مون کان پڇيو، ’ڇا چار چورس
ميٽرن مان پٿر ڇيڻو ڏکيو آهي؟‘ مون ورانيو ’اهو

درست آهي.'

چيائين 'ڇا توکي دفن ڪرڻ لاءِ هڪ ميٽر برابر ڪڏو ڪافي ٿيندو؟'

چيم، 'اهو بس درست آهي، هير ڪمانڊنٽ! پاڻ ڪجهه زمين اڃا به بچي پوندي!' اهو ٻڌي هو اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو، 'اهي لفظ چوڻ جي ڏوهه ۾ توکي موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪمري اندر گولي هلائڻ ۽ قالين کي تنهنجي رت سان خراب ڪرڻ جو منهنجو ڪو ارادو ڪونهي، تنهنڪري پاڻ ٻاهر هلنداسون!'

مون جواب ڏنو 'جيئن اوهان مناسب سمجهو!' هو ڪجهه دير تائين سوچيندو رهيو، پوءِ پستول ميز تي رکي، شراب جو هڪ گلاس ڀريائين، ڊبل روٽي جو، هڪ ٽڪرو ڪٽيائين ۽ ان تي ٿورو گوشت رکيائين ۽ اهو سڀ مون ڏانهن وڌائي چيائين، 'مرڻ کان اڳ جرمنيءَ جي فتح جو جام به پي وٺ!'

آءٌ سندس هٿ مان شراب ۽ گوشت کڻي وارو هوس، پر سندس لفظ ٻڌي، منهنجي جسم ۾ باهه لڳي ويئي. هڪ روسي سپاهي ٿي ڪري آءٌ جرمني جي فتح جو جام پيان؟ اهڙي شراب ۽ گوشت تي لعنت! اهو سوچي، مون شراب جو گلاس ۽ گوشت سندس هٿن مان ورتا ۽ ميز تي رکندي چيم، 'اوهان جي مهمان نوازيءَ جي مهرباني، مون کي ڪنهن شيءِ جي

گهرج ڪانه آهي،' اهو ٻڌي هن مرڪندي چيو، 'جي تون! اسان جي فتح جو جام نٿو پيئڻ چاهين ته ڪٿي پنهنجي موت جو جام سمجهي پي وٺ.'

ها، اها ڳالهه مون لاءِ قابل قبول هئي، شراب جو گلاس هٿ ۾ کڻي چيم، 'پنهنجي موت ۽ لاڳيتي عذاب کان ڇوٽڪاري ملڻ جي خوشي ۾!' اٽرو ڇڏي، هڪ ئي ڍڪ ۾ شراب پي ڇڏيم، پر گوشت کي هٿ به نه لاتم؛ پوءِ پنهنجا چپ صاف ڪندي، کيس چيم، 'اوهان جي نوازش ڪمانڊر صاحب! هاڻ توهان پنهنجو فرض پورو ڪري سگهو ٿا! آءٌ تيار آهيان.'

هو اڃا تائين منهنجي اکين ۾ نهاري رهيو هو، چوڻ لڳو، 'مرڻ کان اڳ ڪجهه کائي به وٺ!' پر مون ورائيو، 'معاف ڪجو، هز ڪمانڊنٽ! آءٌ پهرئين گلاس کان پوءِ ڪجهه به نه کائيندو آهيان! انهيءَ تي هن ٻيو گلاس به ڀري مون کي ڏنو. آءٌ اهو ٻيو گلاس به پي ويس، پر ماني نه کاڌم! انهيءَ وقت آءٌ پاڻ کي پرسڪون ظاهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيو هوس ۽ گڏوگڏ پنهنجي اخلاقي جرات کان به ڪم وٺي رهيو هوس. شراب پيئڻ مان منهنجو مقصد اهو هو ته مرڻ وقت آءٌ نشي ۾ اڌوت هجان، جيئن موت کي سامهون ڏسي، بزدل نه ٿي پوان.

ڪمانڊر وري عجب وچان چيو، "تون ماني ڇو نٿو کائين؟"

وراڻيم، ”هير ڪمانڊنٽ، آءٌ هنن گلاس ڪان پوءِ به ماني نہ کائيندو آهيان!“

ڪجهہ ساعتن لاءِ هو ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو، پر پوءِ هڪ زوردار ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ جرمن زبان ۾ پنهنجي ساٿين کي ڪجهہ ٻڌائڻ لڳو، جنهن کي ٻڌي هو به کلڻ لڳا. شايد ڪمانڊر کين اسان ٻنهي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگوءَ متعلق ٻڌايو هو. کلڻ جي ڪري سندن اکين مان سختيءَ جا آثار غائب ٿي ويا ۽ هو نرم دل ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. ڪمانڊر ٽيون گلاس به ڀريو ۽ سون ڏانهن وڌايائين. کلڻ سبب سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. مون ٽيون گلاس آهستي پيتو ۽ خالي ڪري، ميز تي رکيم. آءٌ کين اهو به ڏيکاري رهيو هوس تہ سخت بک هوندي به مانيءَ جي چند گرهن خاطر آءٌ پنهنجي قومي خودداري، غيرت ۽ عزت نفس وڃائڻ نٿو چاهيان ۽ مانيءَ جي لالچ تي هو مون کي پنهنجن اشارن تي نچڻ لاءِ مجبور نٿا ڪري سگهن.

هاڻي هير ڪمانڊنٽ سنجيدهہ ٿي ويو هو. هن چوٿين گلاس پيڻ بدران چيو، ”ايندري، تون سچ پچ روسي سپاهي آهين. بهادر ۽ باغيرت! ۽ بهادر دشمن جي لاءِ منهنجي دل ۾ اونهي جاءِ آهي جيتري ڪنهن ويجهي عزيز يا دوست لاءِ ٿي سگهي ٿي. ۽ انهيءَ ڪري آءٌ توکي گولي ڪونہ هڻندس. اڄ اسان جون فوجون وولگا پهچي چڪيون آهن. اسٽالن گراڊ اڄ ڀڳي فتح ٿي

چڪو آهي ۽ اهي ڏٺي اطلاع اسان لاءِ عظيم خوشيءَ
جا اطلاع آهن ۽ انهن جي خوشيءَ ۾ آءٌ تنهنجي جان
بخش ٿو ڪريان. توهان هاڻي ڪئمپ ۾ واپس وڃي سگهو
ٿا، ۽ هيءَ به ٻڌائڻ سان ڪيئن وڃ!“ ايترو چئي هن
گوشت ۽ ڊبل روٽي منهنجي هٿن ۾ ڏني.

ڊبل روٽيءَ کي مون پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽
گوشت کي هٿن ۾ قابو ڪري آءٌ اتان واپس موٽيس.
توهين ڀانئي سگهو ٿا ته جي توهان منهنجي جاءِ تي هجو
ها ته حالتن جي انهي عجيب ڦيري متعلق ڇا سوچيو
ها! آءٌ ايتري قدر ته حيران ٿيس، جو ٻاهر نڪرڻ وقت
انهيءَ بهادر ڪمانڊر جا ٿورا به نه مڃي سگهيس. پر
ٻاهر نڪرڻ وقت اهو خدشو منهنجي ذهن ۾ بهرحال
موجود هو ته متان مون سان دوکو نه ڪيو وڃي ۽
ڪمانڊر متان ڪنڌن واڪر گولي هڻي مون کي ماري
نه وجهي. پر اهڙو ڪونه ٿيو. موت هڪ ڀيرو وري
منهنجي بلڪل ڀر مان، مون کي ڪو نقصان رسائڻ
بنان لنگهي ويو. ڪئمپ پهچي آءٌ زمين تي ليٽي پيس.
منهنجا ساٿي مون کي وڪوڙي ويا ۽ ڪمانڊر جي
روبرو پيش ايندڙ واقعو ٻڌائڻ لاءِ چوڻ لڳا. پر آءٌ انهيءَ
وقت ٺيڪ نه هوس، سو سمهي پيس. ٻئي ڏينهن مون
کين سڀ ڪجهه ٻڌايو. هڪ قيديءَ مون کان پڇيو،
”ڪامريڊ، هاڻي هن گوشت ۽ ڊبل روٽيءَ جو ڇا
ٿيندو؟“ مون کيس جواب ڏنو ته سڀني کي برابر برابر

حصو ملندو، جيترڪ اُنهن ڪرڻ ڪري هرهڪ قيدي کي ماچيس جي تيلي، جيتري ٻيل روٽي ملي ۽ گوشت ته ڇڙ هرهڪ جي رڳو ڇڪڻ سان ئي پورو ٿي ويو.

هن پوري جرمن محافظن اسان مان ٽي سگهارا ماڻهو چونڊيا، پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ مقرر ڪيا، آءٌ انهن ٽن ڄڻن مان هڪ هوس. ڪجهه وقت اهو ڪم ڪندا رهياسين، پوءِ وري اسان کي ”روهر“ علائقي ۾ آندو ويو، جتي اسان کي ڪاٺين ۾ ڪم ڪرڻو پيو. اُتي آءٌ ١٩٤٤ع تائين رهيس. هاڻي اسان کي قيد ٿئي ڪافي عرصو لنگهي ويو هو ۽ جرمن سپاهي اسان سان اڳي جهڙو سلوڪ نه ڪندا هئا، ۽ نه ئي وري اسان کي اهڙي شديد محنت ئي ڪرڻي پوندي هئي. هڪ ڏينهن جرمن سپاهين اسان کي هڪ قطار ۾ بيهاريو ۽ هڪ مترجم جي معرفت حڪم ڏنائون ته ”اوهان مان جيڪو قيدي جنگ ۾، يا جنگ کان اڳ ڊرائيور ٿي رهيو هجي، سو هڪ وک اڳتي وڌي اچي.“ اسان مان ڪل ست ڄڻا اڳيان وڌيا. اسان کي ٻين کان ڌار ڪيو ويو ۽ پراڻا سراڻا ڪپڙا پهرڻ لاءِ ڏنا ويا ۽ پوءِ ”پوٽسڊام“ موڪلي ڇڏيائون، جتي پهچي اسان کي ڌار ڌار محڪمن ۾ موڪليو ويو. مون کي رستا تعمير ڪرڻ ۽ بچاءَ واري کاتي جي حوالي ڪيو ويو، جتي مون کي هڪ جرمن انجنيئر جي جيپ جو ڊرائيور مقرر ڪيو ويو. اهو انجنيئر جرمن فوج ۾ ميجر هو ۽ ڪٽر فاشسٽ

هو. قد جو ٻندرو، ٻيٺ وڏيل، ۽ ٻري ڪان سندس ٽي
ڪاڏيون نظر ايندڙيون هيون، ڪنڌ به ٿلهو ۽ ننڍڙو
هوس. هلندو هو ته ائين لڳندو هو ڄڻ ٻاڦ تي هلندڙ
انجڻ پيئي هلي. سڄو ڏينهن پيو ڪجهه نه ڪجهه چرندو
هو ۽ جي کائڻ لاءِ ڪجهه نه هوس ته ٿرماس مان
برانڊي پيو پيئندو هو. هلندي هلندي رستي تي بيهي
ڊبل روٽي يا ڪيڪ کائيندو ۽ شراب پيئندو ۽ جي
چڱي موجود ۾ هوندو هو ته مون کي به ڪجهه کائڻ
لاءِ ڏيندو هو. پر هو جڏهن به مون کي ڪا شيءِ
ڏيندو هو، تڏهن ائين ڏيندو هو ڄڻ آءٌ ڪتو هوس،
يعني آها مون کي اڇلائي ڏيندو هو، هٿ ۾ ڏيڻ هن
جي بي عزتي هئي. ڪجهه به هو، بهرحال ڪئمپ واري
زندگيءَ کان هيئنر آءٌ آسودو هوس. منهنجو وزن به
وڌڻ لڳو هو، ۽ ماڻهن جهڙو ماڻهو نظر اچڻ لڳو هوس.

ٻه هفتا آءٌ پوليسلائن ۾ رهيس پوءِ ميجر کي اڳين
مورچن تي موڪليو ويو، جتي هو روسي سپاهين خلاف
جرمن فوج جي پلاننگ ۾ مدد ڪري سگهي. آءٌ بدستور
ميجر سان گڏ هوس، پر هاڻ ميدان جنگ ۾ پهچي
منهنجي ننڊ حرام ٿي پيئي. هر وقت آءٌ ڀڄي وڃڻ جا
منصوبا پيو ٺاهيندو هوس. منهنجي دل ۾ اها خواهش
ڏاڍي شديد ٿي وئي هئي ته آءٌ جلد از جلد پنهنجي
هم وطنن سان ملان، ۽ وري وڃي پنهنجي وطن جي
مٽي وسايان.

اسين "پولوتسڪ" ڳوٺ تائين پهچي ويا هئاسين. صبح جو سويل مون پن ورهين ڪان پوءِ پنهنجين توپن جي گجگوڙ ٻڌي. توپن جا تڪاءُ ٻڌي آءٌ بيحد خوش ٿيس ۽ خوشي ۾ منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ تکي ٿي وئي. هن ڳوٺ ۾ جيڪي جرمن سپاهي موجود هئا، سي ڏاڍا ڊنل هئا ۽ روسين جي همت ۽ طاقت اڳيان سندن دل لٿي پيئي هئي، اهو ڳوٺڙو ميدان جنگ کان پندرهن ميل پري هو ۽ جنگ اوڀر طرف ٿي رهي هئي. جرمن ميجر هتي پهچي تمام گهڻو شراب پيئڻ شروع ڪيو. ڏينهن جو هو محاذ جو چڪر لڳائيندو هو ۽ وڙهندڙ فوجين کي پنهنجا مورچا مضبوط ڪرڻ متعلق هدايتون ڏيئي، وري ڳوٺ ۾ موٽي ايندو هو، ۽ رات جو وڏو شراب ڏوڪيندو هو. گهڻو شراب پيئڻ ڪري سندس اکين جي چوڌاري ڪارا نشان ٿي ويا هئا. هيءُ وقت منهنجي ڀڄڻ لاءِ ڏاڍو مناسب هو، پر مون اڪيلو نٿي وڃڻ چاهيو. منهنجي خواهش هئي ته ڪنهن ريت انهيءَ جرمن ميجر کي به ساڻ وٺيو وڃان ته جيئن هن کان اسان جي ساٿين کي دشمن جي پاسي جي ڪا اهم ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. هڪ ڀيري اڪيلو جيپ ۾ اچي رهيو هوس ته رستي ۾ لوهه جو هڪ وڏي هٿرڙو ڏٺم، اهو کڻي جيپ جي سيٽن هيٺ لڪائي ڇڏيم. رستي جي هڪ پاسي ڪجهه ٽيليفون جون تارون به ڏٺم، انهن کي به سيٽ هيٺ کڻي رکيم. ڀڄڻ کان

۽ ڏينهن اڳ هڪ اڪيلو جرمن فوجي ور چڙهي ويو، جنهن کي هڪ خالي گهر ۾ گهلي ويس، ۽ اتي کيس ماري، سندس يونيفارم ۽ ٽوپي پاڻ سان کڻي آيس.

”١٩ جون جي صبح، ميجر مون کي ”ٽرانسسٽا“ طرف هلڻ جو حڪم ڏنو، جتي هڪ مضبوط مورچو تعمير ٿي رهيو هو ۽ ميجر انهيءَ ڪم جو انچارج هو. جڏهن اسين روانا ٿياسين ته ميجر پوئينءَ سيٽ تي ويٺو ۽ ڪونگهرا هڻڻ لڳو، آءٌ جيپ ڏاڍي تکي هلائي رهيو هوس، ۽ دل ۾ خوش پئي ٿيس ته اڄ پنهنجي مقدس سرزمين تي پهچي وينديس. ڪوٺ جي حدن کان ڪافي پري اچي مون جيپ جي رفتار آهستي ڪئي ۽ ڪجهه اڳيان هلي صفا ٻيهاري ڇڏيم. هيٺ لهي هيڏانهن هوڏانهن جو جائزو ورتم، پر اوسي پاسي ڪو نظر نه آيم. ها، ڪافي پريان ٻه ٽرڪون، آهستي آهستي اچي رهيون هيون. مون لوهي هٿوڙو کڻي پوريءَ طاقت سان ڪونگهرا هڻندڙ ميجر جي کاٻي ڪنهي تي وهائي ڪڍيو. ڪو آواز ڪڍڻ بنا ميجر صاحب جو ڪنڌ لڙڪي پيو، نبض تي هٿ رکي ڏٺم ته ڪٿي مري ته نه ويو هو، پر هو جيئرو هو. مون سندس پستول ڪڍي پنهنجي کيسي ۾ رکيو ۽ ٽيليفون واري تار جي مدد سان کيس سيٽ سان ٻڌي ڇڏيم. پوءِ مون جرمن سپاهيءَ واري وردي پاتي ۽ جيپ کي تيزيءَ سان محاذ طرف هلائڻ لڳس. جلد ئي آءٌ جرمن مورچن کان اڳتي

نڪري آيس. ڪجهه مشين گنن وارا جرمن مورچن مان نڪري آيا، مون کين ڏسي چند ساعتن لاءِ جيپ ڍري ڪئي، جيئن هو مون سان گڏ ويٺل ميجر کي ڏسي سگهن. هو رڙيون ڪري ۽ اشارا ڪري مون کي اڳتي وڃڻ کان روڪڻ لڳا. پر آءٌ جيپ اسي ميل جي رفتار سان هلائي رهيو هوس، سو جيسين جرمن منهنجي نيت سمجهن، آءٌ سندن پهچ کان ٻاهر نڪري چڪو هوس. ها، هنن ڳالهه سمجهڻ کان پوءِ منهنجي جيپ تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. هاڻي صورتحال ڏاڍي عجب هئي پويان جرمن سپاهي گوليون وسائي رهيا هئا ته اڳيان وري روسي سپاهي مون تي گوليون هلائي رهيا هئا. جيپ جو شيشو ٽڪر ٽڪر ٿي چڪو هو ۽ ان جي باڊيءَ ۾ گولين سوراخ ڪري ڇڏيا هئا. روس جي سرحدن ۾ داخل ٿي، هڪ ڍنڍ جي ڀر ۾ وڻن هيٺ مون جيپ بيهاري ۽ هيٺ لهي پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي چميم. هڪ روسي نوجوان جنهن کي مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو، ڊوڙندو مون ڏانهن آيو ۽ مشين گن تاڻي چوڻ لڳو، ’ڇو جرمن؟ رستو ڀلجي وئين ڇا؟‘ مون جهٽ جرمن وردي ڦاڙي ڇڏي ۽ ٽوپيءَ کي زمين تي اڇلي وراڻيم، ’نوجوان سپاهي، آءٌ هن ئي سرزمين تي ڄائو هوس ۽ منهنجو جسم هن ئي مقدس مٽيءَ جي خمير مان ٺهيل آهي. ڀوءِ ڀلا آءٌ جرمن ڪيئن ٿو ٿي سگهان؟ آءٌ دراصل جرمن ۾ قيد

هوس، ۽ هـا، پڌا! جيپ ۾ هڪ جرمن سوئر موجود
اٿئي، انهيءَ کي ڪولي پنهنجي ڪمانڊر وٽ وٺي وڃ
اٿرو ڇٽي، مون پنهنجو پستول به انهيءَ نوجوان جي
حوالي ڪيو، جيڪو هاڻ حيرت ۽ خوشيءَ وچان مون
ڏانهن نهاري رهيو هو.

”اهو نوجوان سپاهي، ميجر کي پـاڻ سان وٺي
ويو هليو ۽ آءٌ ڪيمپ طرف روانو ٿيس. شام تـائين
ڪافي سپاهي مون سان ملڻ آيا. انهن مـان هرڪو
سپاهي مـون سان ڏاڍيءَ حُب ۽ اڪير سان مليو.
پنهنجن ساٿين جي همت ۽ حوصلي کي جوان ڏسي مون
کي ڏاڍي خوشي ٿي. رات جو ڪرنل ڪمانڊنٽ مون
کي ملاقات لاءِ گهرايو. انهيءَ وقت تائين آءٌ وهنجي
سهنجي، روسي فوج جي نئين وردي پهري چڪو هوس.
جڏهن ڪرنل جي آفيس ۾ پهتس، تہ ڪرنل صاحب
پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي دروازي تائين مون سان ملڻ
آيو. مـون کي ڀاڪر پائيندي، ڪرنل چيو، ’بهادر
سپاهي، تو اسان لاءِ جيڪو تحفو آندو آهي، تنهن لاءِ
اسين تنهنجا ٿورائتا آهيون. جرمن ميجر ۽ سندس قبضي
مان هٿ آيل ڪاغذن اسان کي ڪافي ڪجهه ٻڌايو
آهي، ۽ تنهنجو اهو ڪارنامو ويهن جرمن سپاهين کي
گرفتار ڪرڻ کان بـه وڌيڪ اهم آهي. آءٌ پنهنجي
طرفان تو لاءِ هاءِ ڪمانڊ وٽ اعليٰ اعزاز جي سفارش
ڪري رهيو آهيان.‘

”ڪرنل جي ڳالهه ٻڌي آءٌ پنهنجن جذبن کي پنهنجي وس ۾ نه رکي سگهيس ۽ خوشيءَ وچان منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. مون گهٽجندڙ آواز ۾ ڪرنل کي چيو، ’ڪامريڊ ڪرنل، منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو اعزاز اهو ٿيندو، جو توهان مون کي هڪ ڀيرو وري پيادي‌ءَ فوج ۾ شامل ٿي روس جي سرزمين جي دفاع ڪرڻ جي اجازت ڏيو.‘

”اها درخواست ٻڌي ڪرنل کِلي پيو ۽ منهنجي پٺي ٺپربندي چيائين، ’ڪامريڊ تو ۾ هن وقت ايتري سگهه به نه آهي، جو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهين. تنهن هوندي به تون جنگ ۾ حصو وٺڻ ٿو چاهين؟ آءٌ تنهنجي جذبي جو قدر ٿو ڪريان، پر تون فڪر نه ڪر، روس جي سرزمين جي حفاظت ڪرڻ لاءِ گهڻا سگهارا جوان پنهنجي سر سان ڪفن ٻڌيو پيا وڙهن. هن وقت توکي سڌو اسپتال پيو موڪليو وڃي، جتي تنهنجي خدمت چاڪري ۽ علاج ڪيو ويندو ۽ توکي ڪارائتو بڻايو ويندو، صحتمند ٿيڻ کان پوءِ تون هڪ مهيني جي موڪل تي پنهنجي گهر ويندين ۽ اتان موٽڻ کان پوءِ تو متعلق فيصلو ڪيو ويندو.‘

”پوءِ ڪرنل ۽ ٻين آفيسرن نهايت عزت ۽ احترام سان مون سان هٿ ملائي موڪلايو. ڪئمپ مان ٻاهر اچي سوچيم ته ٻن سالن جي ڏکئي عرصي کان پوءِ مون سان انساني جهڙو سلوڪ ڪيو ويو آهي. جرمني‌ءَ

جي قيد ۾ جڏهن ڪنهن آفيسر سان ڳالهائيندا هئاسين ته پنهنجو مٿو پاڻهن ۾ لڪائي ڇڏيندا هئاسون، جو انديشو هوندو هو ته آفيسر پنهنجو بيد ڪٿي نڪ يا ڏندن تي نه وهائي ڪڍي. اها عادت وطن اچڻ کان پوءِ به ڪيتري وقت تائين مون ۾ موجود رهي.

”ڪرنل جي وعدي موجب مون کي ڪيمپ مان هڪدم اسپتال نيو ويو، جتي پهچي مون سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيو، جو پنهنجي مٺڙي رفيقه حيات اوربنا کي تفصيلي خط لکيم، جنهن ۾ ڪيس جنگ جي صورتحال، پنهنجي قيد ٿيڻ، قيد واري عرصي ۾ ڏنل عقوبتن بابت ۽ اتان ڀڄڻ متعلق احوال کان ڪيس واقف ڪيم ۽ اها خوشخبري به ڪيس لکيم ته ڪامريڊ ڪرنل مون کي بهادريءَ عوض اعزاز ڏيارڻ جو پڻ واعدو ڪيو آهي. اهي ڳالهيون اوربنا کي لکڻ وقت آءٌ ڏاڍو خوش هوس ۽ سمجهيم ٿي ته اوربنا به، پنهنجي مڙس جي بهادريءَ جو داستان پڙهي، فخر محسوس ڪندي، ۽ سندس خيريت جو اطلاع ملڻ تي پاڙي وارن کي مٺائي کارائيندي.

”اسپتال ۾ منهنجو تفصيلي معائنو ڪيو ويو ۽ پوءِ ڊاڪٽرن منهنجي لاءِ خوراڪ جي لسٽ تيار ڪئي، جنهن مطابق مون کي مقرر وقتن تي طاقت واري غذا

پندرهن ڏينهن تائين ته آءٌ هر فڪر کان

پيو ٻيءُ ڪريو پيو ننڊون ڪندو هوس، پر

جڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ به ايرينا طرفان خط جو
جواب نه آيو ته آءٌ پريشان ٿي ويس. طاقتور، لذيذ ۽
مٺيون خوراڪ به مون کي راس نه اچڻ لڳي ۽ ذهن
۾ اجايا خيال ۽ وسوسا نت نئين سر، ۽ هر هر ايرندا
رهيا. نيٺ منهنجي انتظار جي ڪيفيت ختم ٿي ۽
اٽڪلهن ڏينهن مون کي هڪ خط مليو، پر اهو خط
ايرنيا يا انٽولي طرفان نه پر اسان جي هڪ پاڙيسريءَ
جي هٿ اکرن ۾ لکيل هو. انهيءَ خط منهنجي زندگيءَ
۾ روشن ٿيل اميد جي ڏياٽي وسائي ڇڏي ۽ دنيا
منهنجي لاءِ ڪاريءَ رات جيان اونداهي ٿي وئي. هن
پنهنجي خط ۾ لکيو هو ته هوائي جهازن واري ڪارخاني
تي جرمن فوج جي هوائي حملي دوران اوڙي پاڙي
وارا سڀ گهر به تباهه ٿي ويا هئا، ۽ منهنجو گهر به
ان علائقي ۾ هو. هوائي حملي وقت ايرينا ۽ نيڪريون
گهر ۾ موجود هيون، جنهن کي ان اٽڪار واريءَ بمباريءَ
ڪري سڄي گهر سميت رک ٿي ويون.

"منهنجا دوست، جنگ ڏاڍي ظالم شيءِ آهي. خبر
نه آهي ته ان ۾ ڪيترين قيمتي ۽ معصوم جانيون،
بنان ڪنهن ڏوهه جي، اک ڇنڀ ۾ ختم ٿيو وڃن.
جنگ جي ميدان ۾ ۽ انهيءَ کان پوءِ جرمن قيد ۾
مون جيڪي ڏينهن گهاريا هئا، سي سڀ هن تازي زخم
اڳيان هيچ هئا. منهنجي مٺڙي زال ۽ پيارڙيون ڌيئر،
جنگ جي ظالم ڇنبي مون کان کسي ورتيون هيون ۽

آءٌ اهڙو نڀاڳو هوس جو آخري سفر ۾ به سندن همراهي نہ ڪري سگهيس. پيو تہ ٺهيو، سندن جنازن کي ڪلهو بہ نہ ڏيئي سگهيس ۽ پاڙي واري جو خط ايرينا جي موت جي خبر ٻاڌائون پڙهي، منهنجي اکين اڳيان اوندهہ اچي ويئي ۽ آءٌ ائين محسوس ڪري رهيو هوس ڄڻ منهنجي وجود ۾ ڪا شيءِ ٽٽي ڀورا ڀورا ٿي ويئي هجي. آءٌ پلنگ تي ليٽي، پنهنجا لڙڪ پي، خط وري ڪري پڙهڻ لاءِ پنهنجي اندر همت پيدا ڪرڻ لڳس. هن لکيو هو تہ انتولي بمباريءَ وقت شهر ۾ هو، شام جو هو جڏهن گهر پهتو تہ اتي رک جو ڍيڳ سندس آجيان لاءِ موجود هو. هو ڪاوڙ وچان هڪدم شهر طرف وريو ۽ پاڙي وارن کي چئي ويو تہ ’آءٌ بہ جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.‘

”ايرينا جي مرڻ جي خبر پوڻ تي مون کي اهو ڏينهن ياد آيو، جڏهن آءٌ پنهنجي پيارن ٻچن کي اڪيلو ڇڏي ميدان جنگ ڏانهن روانو ٿي رهيو هوس. ايرينا سڄي رات منهنجي ڇاتيءَ ۾ پنهنجو منهن لڪائي روئندي رهي هئي ۽ مون کيس دلاسا پئي ڏنا تہ آءٌ جنگ جي ميدان تان جيئرو موٽي ايندس، ۽ هڪ ڏينهن وري ساڳيا ميلا ٿيندا ۾ خوشيون ٿينديون ۽ زندگي وري بہ اسان جي ڪل خوشيءَ ۾ گذرڻ لڳندي. پر هن کي پوءِ بہ صبر نہ آيو هو، شايد کيس غيب اهو اطلاع ڏيئي ڇڏيو هو تہ هاڻ اسين وري ڪڏهن بہ ملي نہ سگهنداسون.

اسٽيشن تي پهچ هوءَ مون کي چنڙيءَ ڏني هئي ۽ مون کيس ٽڪي ڇڏيو هو. آه! آءٌ ڪاش پنهنجي انهيءَ ظالم جي معافي پڻ نه وٺي سگهيس. جرمن قيد ۾ ڏينهن رات گذرڻ وانگر بيگار ۾ وهي ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪو وقت آرام لاءِ ملندو هو، تنهن ۾ آءٌ ايرينا وٽ پهچي ويندو هوس ته 'جنگ اجهو ختم ٿي آءٌ ڄاڻ واپس گهر آيس.' پر مون کي ڪهڙي خبر ته هيءَ منهنجي زندگي، منهنجي ڏک سک ۾ ڀاڱن ڀائيلي ٿيڻ واري هستي، مون کان ۽ هن سڄي ظالم دنيا کان منهن موڙي چڪي آهي. آه! منهنجو گهر تباهه ٿي چڪو هو، منهنجي زال مري چڪي هئي، ڌيئرون به جنگ جو بک ٿي ويون هيون ۽ پٽ متعلق ڪا خبر نه هئي ته هو جيئرو آهي يا...."

امان جي گفتگو جڏهن ايستائين پهتي ته ڪامريڊ اسڪولوف مات ٿي ويو. ڏٺم ته سندس اکين جون ڪنڊون لڙڪن سان پنل لڳيون. هو بهادر انسان روئي رهيو هو، پنهنجي گهر جي تباهيءَ تي! سندس داستان واقعي ڏاڍو ڏکوئيندڙ هو، پر جنگ ۾ ته نه ڄاڻ ڪيترن محبت ڪندڙن جا گهر تباهه ٿيو وڃن، ڪيترا ٻار يتيم ٿيو وڃن، ڪيتريون زالون بيواهه، ۽ ماءُ پيءُ بي اولاد ٿيو وڃن، پوڙهي اڃا نه موٽي هئي، سو آءٌ مات ڪيو سندس ڳالهائڻ جي انتظار ۾ ويٺو رهيس، ڇو جو هاڻ مون سندس پوءِ جي زندگيءَ متعلق به

چاڙهہ تي چاڙهيو.

ڪن ساعت ڪان پوءِ هن وري ڳالهايو، پر هيئر سندس آواز ڪنبي رهيو هو ۽ سندس چپ ڦڙڪي رهيا هئا. چيائين، ”اجنبي دوست آءٌ ائين محسوس ڪري رهيو آهيان ڄڻ منهنجو ساهہ گهٽجي رهيو آهي، ڄڻ ڪنهن منهنجي نڙي وڍي رهيو آهي. اڄ تہ هڪ سگريٽ ڇڪي وٺون....“

سندس خواهش تي مون بہ هڪ سگريٽ دکائي ورتو.... هن ٻہ ٽي تکڙا تکڙا ڊگها ڪش هنيا ۽ ڪجهہ پرسڪون نظر اچڻ لڳو، پر ڳالهائين ڪونہ.... چند گهڙين جي انها پراسرار خاموشي مون کان سٺي نہ ٿي، سو نيٺ ڪڇي ويس، ”ڀلا پوءِ ڇا ٿيو؟“

چيائين، ”مرڻ وارن سان گڏ ڪو مرندو ڪونہ آهي.... آءٌ بہ انسانن جي انهيءَ سخت جان ۽ پٿر دل جنس سان تعلق ٿو رکان، سو زال ۽ ڌيئرن جي موت جي خبر پڙهي بہ آءٌ جيئرو رهيس، ها ڏک ۽ غم منهنجو ساٿ ڏنو.... پاڙي واري جي خط پڙهڻ بعد آهي ويچارا منهنجي وجود جو ڄڻ هڪ حصو ٿي پيا. اسپتال مان جيئن تيئن ڪري موڪل ملي، تہ ڪرنل جي چوڻ موجب مون کي هڪ مهيني لاءِ گهر وڃڻ جي اجازت ملي. آءٌ هڪ هفتي ۾ پنهنجي شهر پهتس ۽ گاڏيءَ مان لهي پنڌ، پنهنجي گهر واري علائقي ڏانهن روانو ٿيس. اهو سڄو علائقو جنهن ڪنهن زماني

۾ هوائي جهاز ٺاهڻ وارو ڪارخانو ۽ ڪيترائي گهر هئا، صفا ويران ٿيو پيو هو. منهنجي گهر واري هنڌ پاڻيءَ جو هڪ تلاءُ موجود هو، جنهن جي چوڌاري ساوو گاهه ۽ جهنگلي ٻوٽا ڇانيل هئا. چئني طرفن خوفناڪ مات پکڙيل هئي. آءٌ ڪجهه دير اتي بيٺو رهيس. پنهنجن ارمانن جي جنازي تي ڳوڙها ڳاڙيم. ۽ پوءِ ٽڪڙو ٽڪڙو واپس اسٽيشن ڏانهن وريس. ۽ اُتان سڌو فوج ۾ وڃي سائين سان شريڪ ٿيس، جنهن لاءِ مون کي ڪرنل کي سچو واقعو به ٻڌائڻو پيو ۽ ثابت ڪرڻو پيم ته هاڻ هن دنيا ۾ منهنجو ڪير به ڪونه آهي، جنهن وٽ وڃڻ لاءِ مون کي هڪ مهيني جي موڪل جي ضرورت هجي.

”فوج ۾ وري شامل ٿيڻ جي ڪن مهينن کان پوءِ مون هڪ خوشخبري ٻڌي. منهنجي پٽ انتونيءَ، محاذ جنگ تان مون کي پنهنجي زنده هجڻ جو اطلاع موڪليو هو. اها خبر منهنجي لاءِ ڀاڳ اونداهه ۾ روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو ثابت ٿي. انتونيءَ کي منهنجو سرنامو اسان جي اڳيءَ پاڙيسريءَ موڪليو هو، جنهن مون کي ايرينا جي موت جي خبر ڏني هئي. منهنجو لخت جگر هڪ سال تائين آرٽلري ڪاليج ۾ فوجي سکيا وٺندو رهيو هو، جتي ڪيمس سندس رياضيءَ ۾ مهارت ڏاڍو ڪم ڏنو ۽ امتحان سٺين مارڪن سان پاس ڪري محاذ تي پهچي ويو ۽ اڄ ڪپتان جي حيثيت ۾، توبخانن جي

هڪ دستي جو اڳواڻ هو. انتولي بهادري جا ڪيترائي ڪارناما ڏيکاري چڪو هو، جنهن جي بدلي ۾ ڪيس تمغا به ملي چڪا هئا.... جڏهن ته سندس پڇاڙيءَ عمر ڳري وڃڻ جي باوجود اڃا هڪ عام سپاهي هو ۽ هڪڙيءَ پراڻيءَ ٽرڪ ۾ بارود کڻي، اڳين مورچن تي پهچائي رهيو هو! خير، اها ڳالهه ته فخر جهڙي هئي.... منهنجو وقت پورو ٿي چڪو هو ۽ هاڻي نئين نسل جو دؤر هو.

”انسان جي سڄي زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو خيالي پلاءُ پچائيندي ۽ خواب ڏسندي گذري وڃي ٿو ۽ اهي خيالي پلاءُ ۽ خواب عمر سارو هوندا آهن. ٻارڙن جا خواب هڪڙا، نوجوانن جا ٻيا ته اسان جهڙن پوڙهن جا وري ٽيان. انتوليءَ جو خط ملڻ تي مون وري خيالي پلاءُ پچائڻ شروع ڪيا. سوچيندو هوس ته جڏهن جنگ ختم ٿيندي، تڏهن آءٌ پنهنجي پٽ جي گهر کي آباد ڪرڻ لاءِ جشن ڪندس ۽ هن لاءِ ڪا سهڻي من موهڻي ۽ سلڇڻي ڪنوار ڳولي، سندس شادي ڪرائيندس. سندس شادي کان پوءِ آءٌ به وٽن رهندس، پڇت سارو محنت ۽ مزوري به پيو ڪندس ۽ سندس ٻارن جي سارسنڀال به پيو لهندس. پر آءٌ ڪجهه به نه ڪري سگهيس. دراصل انهن ڏينهن ۾ هر محاذ تي روسي فوج اڳتي وڌي رهي هئي، سو اسين هڪٻئي کي خط پٽ ڌ لکي سگهندا هئاسين ۽ ڪجهه عرصي لاءِ جڻ هڪٻئي کي

وساري ويٺاسون. جنگ ختم ٿيڻ تي هئي ته مون برلن
جي وڃڻ پهچي، انتوليءَ کي خط لکيو. انتوليءَ جي
جواب مان خبر پيم ته هو به ٻئي طرف کان برلن وٽ
پهچي ويو آهي. اها خبر منهنجي لاءِ هڪ وڏي
خوشخبري هئي. آءٌ هڪ وڏي عرصي جي جدائيءَ
کان پوءِ پنهنجي ننڍڙي خاندان جي ڪنهن فرد سان
ملڻ وارو هوس. مون کي ائين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ
منهنجي جسم ۾ رت وڌي ويو هجي، ۽ دل ۾ خواهش
پيدا ٿي ته جيڪر مون کي پکَ هجن ها ته اڏامي
وڃي پنهنجي رت جي آڪڙي کي ڇاتيءَ سان لايان
پر منهنجون سڀ خواهشون، سمورا خواب، واريءَ جي
ڪنهن محل وانگر ڪمزور ثابت ٿيا. تقدير ۾ ٻيو
ڪجهه لکيل هو. جڏهن اسان فاتحن جي حيثيت ۾
برلن ۾ داخل ٿياسين. تنهن ڏينهن هڪ جرمن سپاهيءَ
انتوليءَ کي قتل ڪري ڇڏيو.

”شام جو وقت هو، ڪمپني ڪمانڊر ماڻهو موڪلي
مون کي طلب ڪيو. مون وٽس توبخاني جو هڪ
اعليٰ آفيسر ويٺل ڏٺو، جنهن کي سڃاڻي نه سگهيس،
پڪ ڄاتم ته انتوليءَ متعلق ڪا بري خبر ٻڌائڻ لاءِ
مون کي گهرايو ويو آهي. جڏهن آءٌ ڪيمپ ڪمانڊر
جي آفيس ۾ گهڙيس، ته اهو آفيسر مون کي ڏسي ائين
اٿي بيٺو ڄڻ آءٌ عهدي ۾ کانئس وڏو هوس. ڪيمپ
ڪمانڊر مون کي مخاطب ٿي چيو، ’هي صاحب تو سان

ماڻ آيو آهي.' ايترو چئي، هن پنهنجو منهن ٻئي پاسي
ڦيري ڇڏيو. سندس ايتري چوڻ تي ئي مون ائين
محسوس ڪيو، ڄڻ منهنجي دل ٻڏي رهي! اهو آفيسر
جيڪو ليفٽيننٽ ڪرنل هو، سو منهنجي ويجهو آيو ۽
چيائين، 'انٽولي اسڪولوف ڪسي اڄ صبح جو هڪ
جرمن سپاهيءَ قتل ڪري ڇڏيو آهي. اوهان مون سان
گڏ هلو.'

"آءٌ اٽينشن تي بيٺو هوس. اها خبر ٻڌي سڄو
لڏي ويس. پر هڪدم پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪيم.
ڪرنل سان گڏ موٽر ۾ ويهي، ۽ توبخاني تائين وارو
سفر مون ڪيئن اڄ به چٽيءَ طرح ياد آهي. سڄي واٽ
آءٌ پنهنجي ذهن ۽ دل کي سمجهائيندو رهيس ته
انٽولي قوم تان پنهنجي جان قربان ڪئي آهي. انهيءَ
۾ افسوس يا ڏک ڪرڻ جي ڪا ڳالهه نه آهي. تنهن
کان سواءِ پاڻ هڪ فوجي ٿي ڪري، ايترو ڪمزور
دل هجڻ شاندار ڳالهه نه آهي. سو جڏهن آءٌ اتي پهتس
ته ڪافي حد تائين پرسڪون ٿي ويو هوس. انٽوليءَ
جو خاموش جسم ڳاڙهي مخمل ۾ ويڙهي رکيو ويو هو،
۽ لاش جي چوڌاري ڪيترا سپاهي بيٺا هئا. آءٌ لاش
جي ويجهو ويس. ننڍڙي انٽوليءَ ۽ جوان انٽوليءَ ۾
تمام ٿورو فرق هو. جڏهن مون انٽوليءَ کان موڪلايو
هو، تڏهن هو بي پرواهه، هروقت مرڪندڙ، هڪ سهڻو
ڇوڪر هو، جنهن جي ڇاتي ويڪري نه هئي، ۽ جنهن

جي ڳلي ۾ هر وقت هڪ زنجير پيل هوندي هئي. هي انتولي، موڪريءَ ڇاتيءَ، پرپل ڇهري ۽ ڪسرتي جسم وارو سهڻو جوان هو. سندس اڳ ڪلهن اکيون ڇڏي منهنجي ٻچڙي لاءِ واجهائي رهيون هيون ۽ سندس چپن جي ڪنارن تي اچا پن انهيءَ مرڪ جا آثار نظر پئي آيا جوڪا سندس ڇهري جي خصوصيت هئي. مون جهڪي سندس پيشانيءَ تي پدري شفقت جي مهر لڳائي ۽ ڪنڌ جهڪائي هڪ طرف بيهي رهيس. انتوليءَ جا ماتحت ۽ دوست پنهنجا لڙڪ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، پر آءٌ روئي ڪونه سگهيس. منهنجون اکيون ڇڏي سڪي ٺوٺ تي ويون هيون پر آءٌ انتوليءَ جي موت کي اڃ تائين وساري نه سگهيو آهيان. سڄي جنگ دوران هو زنده رهيو، پر فتح واري ڏينهن ڌاريءَ سرزمين تي سندس ڇوڏا پورا ٿي آيا ۽ هو مون سان ملڻ بنان ئي موڪلائي ويو. انهيءَ ڌورانهين ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جي آخري اميد، پنهنجي خوابن جي هڪ آخري نشاني، پنهنجي رت جي ٽڪڙي کي پنهنجن ئي هٿن سان دفن ڪري ڇڏيو. دفنائڻ وقت انتوليءَ کي توبن جي سلامي ڏني وئي، اهو منهنجي پٽ لاءِ هڪ اعزاز هو.... پر ڇا، اهي اعزاز هڪ زنده پٽ جي برابري ڪري سگهن ٿا؟

”انتوليءَ کان پوءِ آءٌ ڇڏي هڪدم پوڙهو ٿي ويس. فوج جي زندگيءَ مان بس ڪري ٿي پيس. سو مون

ڪي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ فوج مان موڪل ملي
وئي. هاڻي آءٌ بنھ اڪيلو رهجي ويو هوس. هن وسيع
دنيا ۾ منهنجو ڪير به نه هو. فيصلو ڪيم ته پنهنجي
هڪ دوست وٽ وڃي رهان، جيڪو جنگ ۾ مون سان
گڏ هو ۽ ڦٽجي پوڻ ڪري کيس موٽائي موڪليو ويو
هو. هن مون کي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ وٽس اچي
رهڻ لاءِ چيو هو. منهنجو اهو مهربان دوست "پورو-
ليڪ" ۾ رهندو هو. ٻئي زال مڙس پنهنجي ذاتي گهر
۾ شهر جي گوڙ کان پري هڪ پاسي رهندا هئا ۽ هو
بي اولاد هئا. منهنجي اُن دوست کي پينشن ملندي هئي
۽ هو لارين جي هڪ ڊيپوءَ تي ڪم به ڪندو هو.
مون کي به اتي ڊرائيوري ملي وئي. هنن مون کي
هڪ ڌار ڪمرو ڏنو ۽ مون پنهنجي نئين زندگيءَ جي
شروعات سندن گهر ۾ ڪئي. اسين شهر مان اناج ڪٺي
ڀر پاسي وارن ڳوٺن ۾ پهچ ڏيندا هئاسين، ۽ انهيءَ وچ
۾ منهنجي ملاقات هن ڇوڪرا سان ٿي جيڪو سامهون
راند پيو ڪري.

"اناج ڪنهن مقرر ڳوٺ ۾ پهچائي، واپس اچي،
اسين سڀ کان پهرين هڪ هوٽل ۾ وڃي ويهندا هئاسين
۽ ٿڪ لاهڻ لاءِ "ووڊڪا" پيئندا هئاسين. مون کي
ڄاڻ آهي ته شراب پيئڻ خراب عادت آهي، پر انهن
ڏينهن ۾ آءٌ شراب جو ڏاڍو شوقين ٿي پيو هوس. هڪ
ڏينهن مون هوٽل ٻاهران انهيءَ ڇوڪري کي بيٺل

ڏٺو، پوءِ روز کيس آئي ٿي ڏسندو هوس. سندس جسم تي ڦاٽل، ليڙون ليڙون ٿيل لباس هوندو هو ۽ منهن ڪثيرو هوندو هوس سندس وار منجهيل ۽ وکريل هوندا هئا. پر جيڪا ڳالهه، مون کي کيس ڏسڻ تي مجبور ڪندي هئي، اهي هيون سندس اکيون. سندس اکيون روشن ۽ چمڪدار ته هونديون هيون، پر انهن ۾ نراسائيءَ جي اٿاهه اونهائي به موجود هئي — هو جنهن ڏانهن ڏسندو هو، ته ان ۾ ڏک وجهي ڏسندو هو! آءٌ هروقت کيس ڏسڻ لاءِ بيحد واجهائيندو هوس، ۽ ڏسي، وري اکيون هٽائي ڇڏيندو هوس! هن ڇوڪري کي پيٽ ڀرڻ لاءِ هوٽل مان يا هوٽل ۾ ايندڙ ماڻهن کان ڪجهه به نه ملندو هو.

"هڪ ڏينهن آءٌ ڳوٺ مان اناج پرائي موٽيس ته هن کي هوٽل جي چاڙهين تي ويٺل ڏٺم: ائين ٿي لڳو ڄڻ هيءُ بکيو هو. مون دريءَ مان منهن ڪڍي، کيس سڏ ڪيو ۽ چيم، 'ويچارا! هيڏانهن اچي لاريءَ ۾ ويهه ته توکي کھائي اچان، پوءِ واپس اچي پاڻ ماني کائينداسون."

"پهرين ته هو ڀڄي ويو، پر پوءِ ڊوڙ پائي منهنجي پير ۾ اچي ويٺو ۽ مون ڏانهن نهاري پڇيائين، 'اوهان کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟' منهنجا دوست هو هڪ پيارو ڇوڪر هو، پر سندس اکين ۾ اهڙي چمڪ ۽ سچائي هئي، جيڪا مون وڏن فيلسوفن

۽ عاقلن جي اکين ۾ به نه ڏٺي هئي. مون کيس ٻڌايو ته آءٌ هر قسم جي معلومات رکندو آهيان. جڏهن لاري هلڻ لڳس ته وڻيا خاموش ٿي ويو ۽ پنهنجون سهڻيون اکيون گهمائي مون ڏانهن نهارڻ لڳو. جهٽ کن کانپوءِ هن هڪ ٿڌو ساهه کنيو، ۽ آءٌ ڏڪي ويس. اهڙو ٻار ۽ هيتر کان ٿڌن ساهن ڀرڻ تي مجبور؟ مون سائس ڳالهائڻ خاطر کانئس سوال پڇيو، 'وڻيا، تنهنجو پيءُ ڪيڏانهن ويو؟'

ورائيائين، 'بابا جنگ ۾ مارجي ويو!'

'۽ تنهنجي ماءُ؟' ٻيو سوال پڇيومانس.

'جڏهن اسين گاڏيءَ ۾ ٻئي آياسين ته گاڏيءَ تي حملو ٿيو ۽ امان بم لڳڻ ڪري مري وئي.'

'گاڏيءَ ۾ اوهين ڪٿان پئي آيا؟'

'انهيءَ ڳالهه جو مون کي ساهو ڪونه آهي!'

'ڀلا تنهنجو ڪو ٻيو مٽ مائٽ ڪونهي؟'

'نه، ڪوبه نه....'

'پوءِ ڀلا تون رات جو سمهندو ڪٿي آهين؟'

'جتي جاءِ ملي....'

"ننڍڙي وڻيا جي زندگيءَ جو داستان ٻڌي منهنجي دل جي جيڪا حالت ٿي، سا آءٌ تو ڄاڻان. هيءُ ننڍڙو ٻار هن وڏيءَ دنيا ۾ بالڪل اڪيلو هو ۽ اڃا خبر نه آهي کيس ڪيترا سال اڪيلائيءَ جي غم ۾ جيئڻو هو، پر مون هڪ فيصلو ڪري ورتو هو... هو

۾ دنيا ۾ اڪيلو هو ۽ آءٌ به اڪيلو هوس. هن جا مائٽ جنگ جو بک ٿي ويا هئا ۽ منهنجي گهر واري ۽ پيارا ٻار به جنگ جي شعلن جو شڪار ٿي ويا هئا. مون فيصلو ڪيو هو ته آءٌ کيس پنهنجو پٽ بڻائيندس! اهو سوچي، جڏهن منهنجي ذهن تان هڪ وڏو بار هٽي ويو.... روشنيءَ جا ڪرڻا ۽ اميد جي ڏياٽي منهنجي من جي اونده ۾ سوجهرو ڪرڻ لڳا. مون ڏانهس جهڪي ڪانئس پڇيو، 'وينيا، تون ڄاڻين ٿو ته آءٌ ڪير آهيان؟' هن معصوميت سان ورائيو 'نه چاچا، مون کي خبر ڪانهي!'

"تڏهن مون کيس ٻڌايو 'چاچا نه.... آءٌ تنهنجو بابا آهيان پٽ....!'

"اهو ٻڌي، هن پنهنجون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري ورايون ۽ منهنجي ڇاتي کي چهٽي لڳو. منهنجي محبت جي انهيءَ اظهار ۾ ايڏي ته شدت ۽ خلوص هو، جو منهنجي دل ڀرجي آئي ۽ اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ وهي آيا. هن چيو، 'سٺو بابا، مون کي پڪ هئي ته اوهين هڪ ڏينهن مون کي ضرور ڳولي لهندا.... مون اوهان جو ڏاڍو انتظار ڪيو.'

"هاڻ اهو حال آهي، جو وينيا پيادو هلڻ کان به لهرائيندو آهي ۽ هر وقت منهنجي ڪلهي تي سفر ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪلهي تي ويٺي ويٺي ٿڪجي پوندو آهي ته ٿپو ڏيئي لهي ايندو آهي ۽ روڊ تي

بورڻ شروع ڪندو آهي. اسان جو سفر اهڙيءَ ريت طئي ٿيندو آهي، پر هاڻ هڪ ڏيپ سدائين مون کي ستائيندو رهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن جڏهن هي معصوم ننڊ مان اٿندو ۽ مون کي ٻي جهان ڏسندو ته سندس ڪهڙو حال ٿيندو! انهيءَ ڪان سواءِ آءٌ خواب ۾ روز ايريما کي ڏسندو آهيان! ڏينهن جو پنهنجي غم تي ڪنٽرول ڪري وٺندو آهيان، پر رات جو اڪثر اوتڙو روئندو آهيان، جو وهاڻو منهنجي لڙڪن سان ڊوبجي ويندو آهي."

منهنجي اجنبي دوست جي زندگيءَ جو داستان ختم ٿي ويو. پرهان پهڙي به ڏسڻ ۾ آئـي پئي، جنهن ۾ منهنجو دوست سوار هو. پهڙيءَ کي ڏسي، ڪامريڊ اسڪرلوف پنهنجو رڪ جهڙو هٿ مون ڏانهن وڌايو ۽ چيائين، "هاڻي الله واهي منهنجا دوست . شل تون خوش رهين!" مون پڻ گرمجوشيءَ سان ورائيو، "الوداع منهنجا دوست... دعا آهي ته تنهنجو سفر خوشگوار رهي.."

پوءِ هو پنهنجي پٽ وينيا کي سڏيو ۽ ڪناري ڏانهن وڃڻ لڳو. ننڍڙي نينگر وينيا ڊوڙي سندس جيڪٽ جي ڪنڊ پڪڙي ۽ ساڻس گڏ هلڻ لاءِ هن سان وکن ملائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

منهنجي نگاهن اڳيان ٻه يتيم وڃي رهيا هئا، جن جي زندگي جنگ جي باهه هڪ ئي سان جڙي ڇڏي

هئي، جن جو ماضي اونداهيءَ ۾ گم هو ۽ نه ڄاڻان
مستقبل هنن لاءِ ڪهڙو ثابت ٿيڻو هو، پر اهڙي مون
کي پڪ هئي ته اهو اڏول، ارڏو ۽ اعليٰ ارادي وارو
روسي حالتن کان ڪڏهن شڪست نه کائيندو ۽ ڪڏهن
به تقدير اڳيان ڪنڌ نه نمائيندو ۽ سندس پٽ پيءُ
جي رهبريءَ ۾ جوان ٿيندو ۽ هو به هر مشڪل کي
منهن ڏئي سگهندو ۽ جڏهن سندس وطن کانئس قربانيءَ
جي گهُر ڪندو، ته هو آن کي پنهنجي جان جو
نذرانو پيش ڪرڻ کان ٻنهه نه ڪيٻائيندو. هن کي
ويندو ڏسي، مون کي افسوس ٿيڻ لڳو. آءٌ ائين محسوس
ڪري رهيو هوس ڄڻ منهنجو ڪو عزيز دوست مون
کان جدا ٿي وڃي رهيو هو. جڏهن هو ٻچن کي وٺيو
وڃي پهتا ته وريا منهن مون ڏانهن ڪري پنهنجا ننڍڙا
هٿ لوڏڻ لڳا. مون دل ۾ سوچيو، هيءَ زماني جو
ستايل پوڙهو روسي، رڳو رات جي اڪيلائيءَ ۾ ڪونه
روئندو هوندو، سندس دل ڏينهن جو به لڙڪ وهائيندي
هوندي. پر هو پنهنجي پٽ کي خوش رکڻ خاطر
پنهنجا لڙڪ لڪائي ڇڏيندو هوندو، جيئن هن جي پٽ
جي دل نه ڏکي ۽ هو سندس لڙڪ نه ڏسي سگهي.

عظمت ادبي اڪيڊميءَ جو ايندڙ ڪتاب

نئين ڪنڊ جي عظيم ترين ليکڪ،

”ڪرشن چندر“ جو لکيل لافاني، امر ناول

— انهيءَ ڏڪار جو ذڪر جڏهن مائرون پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي وڪڻڻ تي مجبور ٿيون – جڏهن محبوب جي اکين اڳيان هندس پيار بک وگهي موت جي واديءَ ۾ هليو ويو.... جڏهن ماءُ جي هنج ۾ سندس معصوم ابهم، ماءُ جي ڇاتين ۾ کير نه هجڻ ڪري اجل جو شڪار ٿي ويئي.

— ۽ حاڪم، انگريز بهادر انهيءَ عرصي ۾ ڇا ڪندو رهيو ؟؟

ڏڪار جي ماريل غريبن، مسڪينن ۽ حڪومت جي لشي ۾ ٻڏل انگريز حاڪم جي عياشين جو داستان.

— اکهڙي– قرب جا ناتا، پوڙهو ۽ ٻيا، جنس پيار شادي جي مترجم عمر ميمڻ جو ترجمو.

— سفيد ڪاغذ، سهڻي ڇپائي، دلفريب، ٽائيٽل، صفحا ۸۵ قيمت صرف 6-00

ان داتا

پڙهو ڇاپو -

عظمت ادبي اڪيڊمي جو ايندڙ ڪتاب

— ١٩٧٢ ۾ جنهن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، ۽ ١٩٧٩ ۾ ٻيو ڇاپو ڇپيو ۽ هٿوهٿ ختم ٿي ويو.

— عالمي ادب مان چونڊ، شاهڪار ڪهاڻيون.

— سادي انداز ۾ سهڻو ترجمو، دلفريب ٻولي، معياري ڪهاڻيون، سنڌيڪار — عمر ميمڻ.

— سفيد ڪاغذ، سهڻي ڇپائي، دلفريب، ٽائيٽل، صفحا ٨٥ ۽ قيمت صرف 6-00

اگهاڙي

۽ هاڙ ١٩٨٣ ۾   ٽيون ڇاپو

سول ايجنٽ — مشتاق نيوز ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد

آگسٽ ۾ شايع ٿيندڙ ٻه انمول تحفا

— ايران جي عظيم عورت اشرف دهقانيءَ جو لڱ
ڪانڊارينڙ داستان،

لڱ منهنجا لوهه

سنڌيڪار محبوب علي

— اسٽالن جو بين الاقوامي نظرياتي ڪتاب،

قوم ۽ قوميت

سنڌيڪار منظور علي

ڏي ضرور پڙهندا

هند سنڌي انجمنائيءَ جي ڪتابن، ”پريت پراڻي ريت نرالي، ڪرندڙ ديوارون، ٻهار ٻهار ٻهڙا ٻهڙا، تو جنهن جي تات ۾ اڇا وار ڳاڙها گل“ جي سنڌ ۾ ڇپائي جا جملي حق ۽ واسطا عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد وٽ محفوظ آهن. ڪنهن به ٻئي بنا اجازت سنڌ ۾ ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

جنگ ۽ اِنسان

— معياري ۽ اعليٰ لکڻيون پڙهندڙ ادب دوستن لاءِ لاثاني تحفو.

— Virgin Soil ۽ Quite Flows the Don جهڙن آفاقي ناولن جي روسي مصنف "ميخائيل شولوخوف" جي ناولٽ Fate of a man جو ترجمو.

— ۱۹۷۸ع کان پوءِ ۱۹۸۳ع ۾ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو.

— روسي سپاهين جي همت ۽ بهادريءَ جو داستان، جن پنهنجيون حياتيون قربان ڪري، وطن جي سرزمين کي دشمن جي وجود کان پاڪ ڪيو.

— هڪ روسي خاندان جي ڪهاڻي، سندن ننڍين خوشين، عزم ۽ حوصلي جو دل ونندڙ بيان.

— هڪ اهڙي روسي سپاهيءَ جي ڪهاڻي، جنهن جي پيار ڪندڙ زال، اولاد ۽ سڪ سان ناهيل ننڍڙو گهر جنگ جي باهه جو ٻڪ ٿي ويا.

— حب الوطنيءَ جو اڻ وسرندڙ داستان، روس جي عظيم اديب جي تخليق، ڀرپور پيرو سواجهڙي سنڌي ٻوليءَ ۾.

— سفيد ڪاغذ، وڻندڙ ڊائيٽل، سهڻي ڇپائي ۽ قيمت به بلڪل مناسب.

— توهان جي ادبي ذوق ۽ معيار جي بلڪل مطابق.

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڌَ ۽ ڇَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي ڄاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)